جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC CARTL

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايڊيٽر: **حاجي محمد حنيف ميمڻ**
ايڊيٽر: **سيد گل شاه**

| جلد 17 | ڇنڇر 07 نومبر 2026ع بمطابق 26 جمادي الاول 1448هه | قيمت:20 | شمارو 27 |
|---|---|---|---|

# اسلام آباد: برآمدات وڌائڻ لاءِ ٽي ڊي اي پي کي جديد بڻايو ويندو: وزيراعظم

شفاف طريقي سان ميرٽ تي سٺي تربيت يافته افرادي قوت کي ٽي ڊي اي پي جو حصو بڻايو وڃي برآمدات ۾ اضافي جي لاءِ صنعتن ۾ تيار ٿيندڙ شين جي عالمي منڊي تائين پهچ وڏي اهميت رکي ٿي

جديد رخن تي هلڻ ٽي ڊي اي پي ان لاءِ رستو کيندي. زرعي مصنوعات جي برآمدات جو پورو ماحولياتي نظام، جنهن ۾ پوري ويليو چين شامل آهي اُها ٺاهي ويندي

سٺي تربيت يافته افرادي قوت کي شفاف طريقي سان ميرٽ تي ٽي ڊي اي پي جو حصو بڻايو وڃي سڌارا تڏهن ئي ممڪن آهن جڏهن ادارن ۾ ترقي هي هدفن جي حصول ۽ ڪارڪردگي سان مشروط ڪيو وڃي

اداري جي ڪارڪردگي ۽ مالياتي آڊٽ لاءِ سٺي شهرت رکندڙ نجي آڊٽ فرم جون خدمتون حاصل ڪيون وڃن. پاڪستان ۾ برآمدي صلاحيت وسيع ۽ ان جي جاگرافيائي مقام تمام گهڻو موزون آهي

برآمدات ۾ اضافي جي لاءِ صنعتن ۽ ننڍن ۽ وچولي درجي جي ڪاروبار کي سهولت فراهم ڪري رهيا آهيون ته جيئن انهن خاصيتن مان فائدو حاصل ڪري سگهجي

اجلاس کي ٽريڊ ڊولپمينٽ اٿارٽي آف پاڪستان (ٽي ڊي اي پي) جي موجوده ڪارڪردگي ۽ ادارتي ڍانچي بابت بريفنگ ڏني وئي. بريفنگ ۾ ٽي ڊي اي پي جي موجوده نظام ۾ چئلينجن جي باري ۾ آگاهه ڪيو ويو

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪستاني برآمدات جي فروغ، مصنوعات جي عالمي منڊي تائين پهچ ۾ اضافي ۽ ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروبار سميت مقامي صنعتن کي برآمدي معيارن سان هم آهنگ ڪرڻ لاءِ ٽريڊ ڊولپمينٽ اٿارٽي آف پاڪستان (ٽي ڊي اي پي) کي جديد رخن تي هلائڻ جي منظوري ڏيندي هدايت ڪئي آهي ته شفاف طريقي سان ميرٽ تي سٺي تربيت يافته افراد/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

# تنقيد ڪرڻ هر ڪنهن لاءِ آسان آهي، پر عملي طور عوام جي مسئلن کي حل ڪرڻ ڏکيو ڪم آهي: بلاول ڀٽو زرداري

اسان جي پهرين ترجيح صحت ۽ تعليم جي شعبن ۾ بهتري آڻڻ، پنهنجي پيل طبقن کي عالمي معيار جون سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ عوام لاءِ محفوظ، منصفاڻو ۽ پائيدار مستقبل تعمير ڪرڻ آهي

ڪنهن به شهري کي مالي وسيلن جي کوٽ سبب علاج جي بنيادي سهولتن کان محروم نه رکيو ويندو. لاڙڪاڻي ۾ 600 بسترن واري جديد اسپتال تعمير ڪري عالمي معيار جون صحت جون سهولتون فراهم ڪيون وينديون

لاڙڪاڻي ۽ قمبر شهدادڪوٽ ۾ مختلف ترقياتي منصوبن تي ڪم جاري آهي. شهر ۾ پاڻي جي فراهمي سميت عوام جا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ قدم کنيا ويندا، سنڌ حڪومت اعليٰ تعليم جي ادارن ۽ تعليمي ادارن کي وڏيڪ سهڪار فراهم ڪري رهي آهي

وفاقي حڪومت، خيبرپختونخوا حڪومت ۽ پيپلزپارٽي وچ ۾ رابطن ۽ سهڪار کي بهتر بڻائڻ تي اتفاق ٿيو آهي. وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات انتهائي مثبت رهي، گڏيل حڪمت عملي تيار ڪرڻ سان وفاق ۽ صوبن وچ ۾ سهڪار وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي

ملڪ جي موجوده معاشي بحران ۾ سياسي ڌرين سان محاذ آرائي ڪرڻ بدران ڳالهين ۽ مشاورت جو رستو اختيار ڪيو وڃي. پي ٽي آءِ ۽ مولانا فضل الرحمان سان سياسي اختلافن ۾ الجهڻ بدران عوام جي معاشي ڏکيائين ۽ بنيادي مسئلن جي حل کي اوليت ڏيڻ گهرجي

آمريڪي عوام ڊونلڊ ٽرمپ کي امن جو نعرو هڻڻ تي مينڊيٽ ڏنو ۽ جنگ بدران امن جي حق ۾ ووٽ ڏنو. اسرائيل جي سازش تحت آمريڪا پاران ايران تي حملو ڪرڻ سان عالمي سطح تي جنگي صورتحال پيدا ٿي، جنهن جو معاشي بار دنيا جا عام ماڻهو برداشت ڪري رهيا آهن

لاڙڪاڻو (بيورو) پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته تنقيد ڪرڻ آسان آهي، پر عملي طور ڪم ڪرڻ ڏکيو آهي. لاڙڪاڻي ۾ هڪ تقريب کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري صحت ۽ تعليم جي شعبن ۾ سهولتون فراهم ڪرڻ کي ترجيح قرار ڏنو. هن چيو ته طاقت جو حقيقي استعمال محفوظ، منصفاڻو ۽ پائيدار مستقبل تعمير ڪرڻ ۾ آهي، موجوده حالتن ۾ / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

## عمران خان جي صحت بابت اطلاع حوصلا افزا نه آهن: بيرسٽر گوهر

اسلام آباد (بيورو) پي ٽي آءِ چيئرمين بيرسٽر گوهر چيو آهي ته پارٽي جي باني عمران/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

## بلوچستان ۾ گورنرراڄ بابت ڪا ڄاڻ ناهي: گورنر جعفر مندوخيل

ڪوئٽا (م ر) بلوچستان جي گورنر جعفر مندوخيل چيو آهي ته صوبي ۾ گورنر راڄ لاڳو/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ اجلاس منعقد آهي

# ايران وٽ جوهري هٿيار نه هوندا، آمريڪا جلد فيصلو ڪندو: آمريڪي صدر

ايران خلاف وڏيڪ ڪارروائي يا معاهدي جي منظوري بابت واشنگٽن کي جلد فيصلو ڪرڻو پوندو: ڊونلڊ ٽرمپ

ايران جي باقي بچيل صلاحيتن کي تباهه ڪرڻ نٿو چاهيان، پر ضرورت پئي ته ائين به ڪري سگهان ٿو

واشنگٽن (م ر) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

## پاڪستان جو پرڏيهي قرض ڏهن سالن ۾ ٻيڻو، 135 ارب ڊالرن کان وڌي ويو

2015ع ۾ پرڏيهي قرض 68 ارب 67 ڪروڙ ڊالر هو، 2025ع ۾ وڌي ويو: عالمي بئنڪ

چين پاڪستان جو سڀ کان وڏو انفرادي قرض ڏيندڙ ملڪ، 22 ارب 40 ڪروڙ ڊالر بقايا آهن

اسلام آباد (بيورو) عالمي بئنڪ انڪشاف ڪيو آهي ته گذريل ڏهن سالن دوران پاڪستان جو ڪل پرڏيهي قرض لڳ ڀڳ ٻيڻو ٿي ويو آهي، جيڪ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

## قومي پوليو مهم: 97 ضلعن ۾ 2 ڪروڙ 21 لک ٻارن کي ڦڙا پياريا ويا

اسلام آباد (بيورو) ملڪ جي 97 چونڊ ضلعن ۾ قومي پوليو مهم پنجن ڏينهن کان / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

لاڙڪاڻو: پيپلزپارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري شهيدن جي مزار تي حاضري ڀريندي

# ڪراچي جي نوجوانن به نون انتظامي يونٽن ۽ ننڍن صوبن جي قيام جي حمايت ڪري ڇڏي

نوجوانن شهر جي ابتر صورتحال، بنيادي سهولتن جي کوٽ ۽ موجوده انتظامي نظام تي مايوسي جو اظهار ڪيو آهي

يونيورسٽي روڊ جي تعمير ۽ مرمت جو ڪم 6 کان 7 سال گذرڻ باوجود مڪمل نه ٿي سگهيو آهي

ڪراچي ۾ ترقياتي منصوبن تي سالن کان ڪم جاري آهي، پر منصوبا مڪمل ٿيڻ جو نالو نه ٿا وٺن

ڪراچي (رپورٽر) ملڪ جي ٻين شهرن وانگر ڪراچي جي نوجوانن به نون انتظامي يونٽن ۽ ننڍ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

# پرڏيهي سربراهن لاءِ عالمي معيار جون پروٽوڪول سهولتون فراهم ڪنداسين: خواجه آصف

اسلام آباد ايئرپورٽ تي جديد اسٽيٽ لائونج جي تعمير سان رياستي مهمانوازي جو نظام بهتر ٿيندو: دفاع وارو وزير

ايس سي او سربراهي اجلاس 2027ع جي تيارين لاءِ ايئرپورٽس جو انفراسٽرڪچر جديد بڻايو پيو وڃي: پي اي اي

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد انٽرنيشنل ايئرپور/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

# هي تيزرفتاري مون کي زماني سيکاري ڏني: وفاقي گهرو وزير محسن نقوي

"اڄ نه وزيراعظم شهباز شريف به عوامي سطح تي نوهان جي ڪم ڪرڻ جيتريزرفتاري جو باضابطه اعتراف ڪيو آهي

اسلام آباد (بيورو) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي منصوبن جي تيز رفتار تڪميل ۽ ڪمن ۾ جستي حوالي سان پڇيل هڪ سوال جي جواب ۾ مس/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

# سوڊان جي خودمختياري لاءِ پاڪستان جي حمايت جاري رهندي: اسحاق ڊار

ٻنهي ملڪن وچ ۾ سياسي، سفارتي ۽ اقتصادي سهڪار وڌائڻ سميت پائيدار لاڳاپن کي نئون فروغ ڏيڻ تي اتفاق

پاڪستان جي مسلسل حمايت ۽ يڪجهتي تي ٿورائتا آهيون، گڏيل دلچسپي وارن شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ چاهيون ٿا: سوڊاني گهرو وزير

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان سوڊان جي گهرو و/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

اسلام آباد: نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سان سوڊان جو پرڏيهي وزير ملاقات ڪندي

# ٿرڪول بلاڪ ٽو جي ساليانه پيداواري صلاحيت 7.6 ملين ٽن مان وڌائي 11.2 ملين ٽن ڪئي وئي آهي: شرجيل انعام ميمڻ

جنهن سان ڪوئلي جي پيداوار ۾ هر سال 3.6 ملين ٽن جو اضافو ٿيو آهي. ان واڌ ڪانپوءِ بجلي گهرن سان گڏ ٻين صنعتي شعبن کي به مقامي ڪوئلو فراهم ڪرڻ ممڪن ٿي سگهندو

ڪوئلي کي صنعتي استعمال لاءِ وڌيڪ موزون بڻائڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي. ٿر کي قومي ريلوي نيٽ ورڪ سان ڳنڍڻ واري منصوبي تي 68 سيڪڙو ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي

ٻين صنعتي خريدارن کي ڪوئلي جي وڪري سان لاڳاپيل خرچ بجلي استعمال ڪندڙن جي ٽيرف تي منتقل نه ڪيا ويندا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ٿرڪول بلاڪ ٽو جي ساليانه پيداواري صلاحيت 7.6 ملين ٽن مان وڌائي 11.2 ملين ٽن ڪئي وئي آهي، جنهن سان ڪوئلي جي پيداوار ۾ هر سال 3.6 ملين ٽن جو اضافو ٿيو آهي. ان واڌ ڪانپوءِ / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

CISCO
Resilient by Design
Celebrating SBP's Data Center Modernization Milestone
ڪراچي: گورنر اسٽيٽ بئنڪ جميل احمد سان آمريڪي ناظم الامور نيٽلي بيڪر ملاقات ڪندي

# ڪراچي جو ميئر مرتضيٰ وهاب جعلي ۽ قبضي وارو ميئر آهي: حافظ نعيم الرحمان

جماعت اسلامي شهر جي مسئلن جي حل ۽ اختيارن جي حصول لاءِ جدوجهد جو عزم ڪيو هو ۽ هو عوامي خدمت جو سلسلو جاري رکيو ويو آهي

اسان اڳ ئي واضح ڪري ڇڏيو هو ته اختيارن لاءِ وڙهنداسين ۽ فائل اڇلائي نه ويندا سين اسان جا دوست اسان جي ڪمن کان پريشان آهن

سرڪاري اسڪولن جو تصور ئي تبديل ڪري ڇڏيو ويو آهي، جنهن سبب ماڻهو مجبورن نجي تعليمي ادارن ڏانهن رخ ڪن ٿا

ڪراچي (رپورٽر) امير جماعت اسلامي پاڪستان حافظ نعيم الرحمان چيو آهي ته ڪراچي جو ميئر مرتضيٰ وهاب جعلي ۽ قبضي وارو ميئر آهي، جڏهن ته پيپلزپارٽي جو پورو نظام هڪ فراڊ آهي. هن چيو ته جماعت اسلامي شهر جي مسئلن جي حل / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

# سنڌ ۾ مقامي نمائندن جي مدي ۾ واڌ ڪرڻ اينڊ بلدياتي چونڊون هائيجيڪ ڪرڻ جي سازش آهي: ايم ڪيو ايم پاڪستان

ايم ڪيو ايم جي قانوني ٽيم اڳوڻي وفاقي وزير قانون ڊاڪٽر فروغ نسيم سان ملاقات ڪئي

جنهن دوران بلدياتي ايڪٽ 2013ع ۾ ترميمن بابت صلاح مشورا ڪيا ويا ۽ اعليٰ عدالتن ۾ انهن ترميمن خلاف آئيني درخواست تيار ڪرڻ تي به ڳالهه ٻولهه ڪئي

مقامي نمائندن جي مدي ۾ واڌ وارو فيصلو بدنيتيءَ تي ٻڌل ۽ آئين توڙي قانون جي پيچڪڙي آهيبيان ۾ مطالبو ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) ايم ڪيو ايم پاڪستان چيو آهي ته سنڌ ۾ مقامي نمائندن جي مدي ۾ واڌ ڪرڻ اينڊ بلدياتي چونڊون هائيجيڪ ڪرڻ جي سازش آهي ايم ڪيو ايم جي قانوني ٽيم اڳوڻي وفاقي وزير قانون ڊاڪٽر فروغ نسيم سان ملاقات/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

ڪراچي: صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي اجلاس جي صدارت ڪندي

# ويٽرنري ڪامپليڪس جي تعمير ۽ بحالي جي منصوبن تي اڳڀرائي بابت اهم اجلاس

سول ورڪس ڊيزائن ۽ سپروائيز ڪنسلٽنٽ M/S G3 انجنيئرنگ ورڪس جا نمائندا پڻ موجود هئا

اجلاس دوران صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي صلاحڪار فرم پاران منصوبي تي اڳڀرائي جو تفصيلي جائزو ورتو

ڪراچي (رپورٽر) لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز کاتي سنڌ جي صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي جي صدارت هيٺ لائيو اسٽاڪ اينڊ فشريز کاتي ڪراچي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

# عورتن جي موثر ۽ مضبوط حفاظتي نظام لاءِ ادارن وچ ۾ رابطن ۽ پاڳي پائيداريءَ کي هٿي ڏيڻ انتهائي ضروري آهي: شاهينه شير علي

سنڌ انٽيگريٽيڊ ايمرجنسي هيلٿ سروسز هڪ معتبر ادارو آهي جنهن جي هنگامي طبي سهولتن جو زمانو معترف آهي

گهريلو تشدد جي واقعن مان متاثر عورتن لاءِ ريفرل نظام کي وڌيڪ موثر بڻائڻ ۽ ادارتي رابطن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ٻنهي ادارن وچ ۾ مضبوط لاڳاپا انتهائي ضروري آهن

جيئن تشدد جو شڪار ڪنهن به عورت کي اڪيلو نه ڇڏيو وڃي ۽ کيس وقت سر مدد، تحفظ ۽ سهڪار فراهم ڪري سگهجي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي عورتن جي ترقي واري کاتي جي وزير شاهينه شير علي چيو آهي ته عورتن جي موثر ۽ مضبوط حفاظتي نظام لاءِ ادارن وچ ۾ رابطن ۽ باهمي تعاون کي هٿي ڏيڻ انتهائي ضروري آهي. هن چيو ته سنڌ انٽيگريٽيڊ ايمرج/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

# ميئر ڪراچي بئريسٽر عباسي شهيد اسپتال جي نئين تعمير ٿيندڙ بلاڪ جي او پي ڊي جو افتتاح ڪري ڇڏيو

سٽي ڪائونسل جا ميمبر، سينئر ڊائريڪٽر ميڊيڪل سروسز، ڊاڪٽر، پيرا ميڊيڪل اسٽاف ۽ ٻيا لاڳاپيل عملدار به موجود هئا

نئين بلاڪ جي او پي ڊي فعال ٿيڻ سان مريضن کي علاج معالجي جون بهتر سهولتون ميسر ٿينديون

سرڪاري اسپتالن ۾ صحت جون سهولتون جديد خطن تي استوار ڪرڻ ۽ شهرين کي معياري طبي سهولتون فراهم ڪرڻ بلديه عظميٰ ڪراچي جي ترجيحن ۾ شامل آهي

ڪراچي (رپورٽر) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب عباسي شهيد اسپتال جي نئين تعمير ٿيندڙ بلاڪ جي او پي ڊي جو افتتاح ڪري ڇڏيو. هن موقعي تي سٽي ڪائونسل جا ميمبر سينئر ڊائريڪٽر ميڊيڪل سروسز ڊاڪٽر پيرا ميڊيڪل اسٽاف ۽ ٻيا لاڳاپيل عملدار به موجود هئا. هن موقعي تي ميئر ڪراچي چيو ته عباسي شهيد اسپتال ۾ طبي سهولتن جي بهتري لاءِ هڪ ٻيو/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

# آل پاڪستان گڊز ٽرانسپورٽ اتحاد پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ گهٽتائي جي فيصلي جو خيرمقدم

گڊز ٽرانسپورٽ جي ڀاڙن ۾ 5 سيڪڙو گهٽتائي جو اعلان ڪري ڇڏيو

ٽرانسپورٽ شعبي کي وڌيڪ رليف ڏيڻ لاءِ پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ وڌيڪ گهٽتائي ڪئي وڃي

ڪراچي (رپورٽر) آل پاڪستان گڊز ٽرانسپورٽ اتحاد پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ گهٽتائي جي فيصلي جيآجيان ڪندي گڊز ٽرانسپورٽ جي ڀاڙن ۾/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

# بلوچستان جي موجوده حالتن کي ڏسي دل رت جا ڳوڙها روئي ٿي: جسٽس جمال خان مندوخيل

هن پنهنجي پيشورانه ڪيريئر ۾ جيڪي خدمتون سرانجام ڏنيون اهي سندس ذميواري ۽ فرض هو

هڪ وقت هو جو هو بغير ڪنهن محافظ جي ڪٿي به هليا ويندا هئا، صوبو هن صورتحال تائين ڪيئن پهتو

اسلام آباد (بيورو) سپريم ڪورٽ جي جج جسٽس جمال خان مندوخيل چيو آهي ته بلوچستان جي موجوده حالتن کي ڏسي دل رت جا ڳ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

# تعليمي سرگرمين ۾ رڪاوٽ بابت ميڊيا رپورٽن جو سنجيده نوٽيس ورتو آهي: اسماعيل راهو

صوبائي وزير يونيورسٽيز اينڊ بورڊز حڪومت جي پهرين ترجيح شاگردن جي تعليم جو تسلسل برقرار رکڻ ۽ انهن جي مستقبل جو تحفظ ڪرڻ آهي

قائد ڪيل عمرڪوٽ ڪيمپس ۾ عمرڪوٽ، ٿرپارڪر، ميرپورخاص ۽ ڀرپاسي وارن ضلعن جا لڳ ڀڳ 1,500 شاگرد تعليم حاصل ڪري رهيا آهن

ڪيمپس جي تعمير ۽ ترقي وفاقي ايڇ اي سي جي منظور ٿيل پي ايس ڊي پي منصوبي تحت ٿيڻي هئي

پر وفاقي مالي سهڪار ۽ ترقياتي فنڊز جي فراهمي بند ٿيڻ سبب ڪيمپس سخت مالي ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير يونيورسٽيز اينڊ بورڊز محمد اسماعيل راهو چيو آهي ته سنڌ حڪومت سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي عمرڪوٽ ڪيمپس کي درپيش مالي ڏکيائين ۽ تعليمي سرگرمين ۾ رڪاوٽ بابت ميڊيا رپورٽن/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

# پي ٽي آءِ سان هن وقت ڪي به ڳالهيون نه ٿي رهيون آهن: رانا ثنا الله

بيڪ ڊور رابطا ٿيندا رهندا آهن پر باضابطه طور تي ڪي به ڳالهيون نه ٿي رهيون آهن

ڀارت ۽ افغانستان جي مدد سان دهشتگردي جو ناسور هن وقت اتي پکڙجي رهيو آهي

دهشتگردي کي روڪڻ اهميت جو حامل آهي، سيني کي آن بورڊ ورتو ويندو، دهشتگردي خلاف جنگ ۾ ڪاميابي کان علاوه ٻيو ڪو آپشن ناهي

اسان کي جي يو آءِ ف جي راءِ سان اختلاف جو حق آهي ۽ انهن کي به هي حق حاصل آهي

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم جي صلاحڪار سياسي معاملن رانا ثنا الله چيو آهي ته پي ٽي آءِ سان هن وقت ڪي به ڳالهيون نه ٿي رهيون آهن، بيڪ ڊور رابطا ٿيندا رهندا آهن پر باضابطه طور تي ڪي به ڳالهيون نه ٿي رهيون آهن تجي ٽي وي پروگرام/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

## جسٽس آلوڪ آراڌي نئين ڀارتي سپريم ڪورٽ جي به رڪني بئنچ منگلا اينڪلي کي پيهر سرينج جي عهدي تي بحال

نئين دهلي (م ر) ڀارتي سپريم ڪورٽ قرار ڏنو آهي ته هن کان وڌيڪ ٻارن وارن ماڻهن کي پنچاي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

## ٽمانو ڪيچپ ۽ چلي گارلڪ ساس جي آڙ ۾ جاپان اسمگل ڪئي ويندڙ منشيات جي کيپ پڪڙي وئي

ڪراچي (رپورٽر) ٽمانو ڪيچپ ۽ چلي گارلڪ ساس جي آڙ ۾ جاپان اسمگل ڪئي ويندڙ منشيات جي کيپ پڪڙي وئي تفصيل موجب/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

ڪراچي: صوبائي وزير شاهينه شير علي جي صدارت ۾ اجلاس جو ڏيک

# سنڌ وطن هٿن مان وڃي رهيو آهي: ڊاڪٽر قادر مگسي

ماڻهن کي غيرت جو مظاهرو ڪندي گڏ ويهڻ گهرجي

سنڌ ڪنهن به وڏيرن، پيرن يا ڦورن جي مال ملڪيت ناهي، پر 7 ڪروڙ انسانن جو تاريخي وطن آهي

نواب شاهه (رپورٽر) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي چيو آهي ته سنڌس موقف کان سڀ واقف آهن، سائنس ڪو به فضول ڳالهه ن/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

## ٽه ماهي ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ صارفين کان 23 ارب 33 ڪروڙ رپيا وصول ڪرڻ لاءِ نيپرا ۾ درخواست جمع ڪرائي ڇڏي

ڪراچي (رپورٽر) بجلي ورهائيندڙ ڪمپنين ٽه ماهي ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ صارفين کان 23 ا/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

## خراب فريج وڪرو ڪرڻ ۽ وارنٽي ڏيڻ کان انڪار

ڪراچي (رپورٽر) خراب فريج وڪرو ڪرڻ ۽ وارنٽي ڏيڻ کان انڪار تي شهري مشهور اليڪ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

U.P.D BLOCK
QUAID-E-AWAM OPD BLOCK
Inaugurated by Honourable Mayor of Karachi & Pro-Chancellor of Karachi Metropolitan University (KMU)
Barrister Murtaza Wahab
6th November 2026
ڪراچي: ميئر مرتضيٰ وهاب عباسي شهيد اسپتال جي نئين تعمير او پي ڊي جو افتتاح ڪندي

# سولجر بازار ۾ هولي فيملي اسپتال ويجهو اڻڄاتل هٿياربندن جي گاڏي تي فائرنگ

تحفظ عزادار پاڪستان جي چيئرمين آغا رحيم جعفري سميت ٻه ڄڻا زخمي ٿي پيا

ڪراچي (رپورٽر) سولجر بازار ۾ هولي فيملي اسپتال ويجهو اڻڄاتل هٿياربندن جي فائرنگ ڪري ڇڏي، جنهن جي نتيجي ۾ تحفظ عزادار پاڪستان جي چيئرمين آغا رحيم جعفري سميت ٻه ڄڻا زخمي ٿي پيا/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

## وفاقي اردو يونيورسٽي طرفان شيخ الجامعه پروفيسر ڊاڪٽر ضابطه خان شنواري ۽ خزانچي محمد دانش احسان عدالت ۾ پيش

ڪراچي (رپورٽر) وفاقي اردو يونيورسٽي سائنس، آرٽس ۽ ٽيڪنالاجي جي شيخ الجامعه / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

## اينڪر اقرار الحسن خلاف سوشل ميڊيا تي رياست مخالف مهم جي ڪيس ۾ 20 نومبر تائين عبوري ضمانت منظور

ڪراچي (رپورٽر) سيشن عدالت مشهور اينڪر اقرار الحسن خلاف سوشل/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

# رانا ثنا الله ڪڏهن ڪڏهن تمام سلجهيل ڳالهه ڪندو آهي: شوڪت يوسفزئي

ڌمڪيون نه ڏيو، مذاڪرات جي ذريعي ئي مسئلا حل ٿي سگهن ٿا

پارليامينٽ ۾ اسان موجود آهيون، پارلياماني ڪميٽين ۾ به اسان کي وڃڻ گهرجي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ شوڪت يوسفزئي چيو آهي ته رانا ثنا الله ڪڏهن ڪڏهن تمام سلجهيل ڳالهه ڪندو آهي، هن/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر4

ڪراچي: پريس ڪلب ٻاهران ماڻهو احتجاج ڪري رهيا آهن

# ڪراچي يونيورسٽي ۾ داخلا پاليسي ۽ علائقائي ڪوٽا خلاف شاگردن جو احتجاج، ايڊمن بلاڪ ٻاهر ڌرڻو

مسلسل احتجاج جي باوجود يونيورسٽي انتظاميه سنڌين مطالبا ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي يونيورسٽي جي داخلا پاليسي ۽ علائقائي ڪوٽا خلاف شاگردن جو ايڊمن بلاڪ ٻاهر احتجاجي ڌرڻو 50 ڪلاڪ / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

# ميٽا پاڪستان ٽيلي ڪميونيڪيشن اٿارٽي جي درخواست تي هڪ لک 76 هزار اڪائونٽس بند ڪري ڇڏيا

غير فعال نمبرن تي واٽس ايپ اڪائونٽس سائبر فراڊ جو وڏو ذريعو بڻجي رهيا هئا

پي ٽي اي جي درخواست تي ميٽا ڪيترن موبائل نمبرن تي فعال هڪ لک 76 هزار واٽس ايپ اڪائونٽس بند ڪري ڇڏيا

غير فعال ۽ منسوخ نمبرن تي واٽس ايپ ذريعي سائبر فراڊ جون شڪايتون سامهون آيون هيون

اسلام آباد (بيورو) ميٽا پاڪستان ٽيلي ڪميونيڪيشن اٿارٽي جي درخواست تي هڪ لک 76 هزار اڪائونٽس بند ڪري ڇڏيا، عملدارن موجب غير فعال نمبرن تي واٽس ايپ اڪائونٽس سائبر فراڊ جو وڏو ذريعو بڻجي رهيا هئا/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

# اسلامي ملڪن وچ ۾ گڏيل واپار ۽ اقتصادي سهڪار وڌائڻ لاءِ عملي قدم کڻڻ گهرجن: جام ڪمال

او آءِ سي ملڪن ۾ واپاري فنانسنگ، ايڪسپورٽ قرضن جي ضمانت ۽ اسلامي بئنڪاري نظام کي هٿي ڏيڻ ضروري آهي: وفاقي وزير

ننڍن ڪاروبارن، عورتن ۽ نوجوانن کي مالي سهولتون ۽ عالمي منڊين تائين رسائي فراهم ڪئي وڃي

غزه ۾ اسرائيلي جارحيت ۽ غيرقانوني وسندين جي توسيع جي مذمت، فلسطيني عوام جي حق جي حمايت جاري رهندي

استنبول (م ر) وفاقي وزير جام ڪمال خان چيو آهي ته اسلامي ملڪن وچ ۾ گڏيل واپار ۽ اقتصادي سهڪار وڌائڻ لاءِ عملي قدم کڻڻ گهرجن/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
ڇنڇر 07 نومبر 2026ع بمطابق 26 جمادي الاول 1448ھ

# ماربل سٽي، صنعتي ترقيءَ جو نئون امڪان

ڪنهن به ملڪ جي معاشي ترقيءَ جو دارومدار ان ڳالهه تي هوندو آهي ته اهو پنهنجي قدرتي وسيلن مان ڪيترو فائدو حاصل ڪري ٿو ۽ انهن کي عوام جي خوشحالي، روزگار ۽ صنعتي ترقيءَ جو ذريعو ڪيئن بڻائي ٿو. پاڪستان قدرتي وسيلن سان مالا مال ملڪ آهي، جتي سنگ مرمر ۽ گرينائيٽ جا وسيع ذخيرا موجود آهن. پر افسوس جو انهن وسيلن کي جديد ٽيڪنالاجيءَ ذريعي تيار شين ۾ تبديل ڪرڻ بدران گهڻو ڪري خام مال جي صورت ۾ وڪرو ڪيو ويو ٿو. اهڙي صورتحال ۾ ڪراچي اندر پاڪستان جي پهرين ماربل سٽي قائم ڪرڻ جو اعلان هڪ اهم صنعتي اڳڀرائي آهي، جنهن سان ملڪ جي معدني وسيلن کي معاشي ترقيءَ ۾ تبديل ڪرڻ جا نوان موقعا پيدا ٿي سگهن ٿا.

سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ موجب ماربل سٽي جي قيام سان سيڙپڪاري، صنعتي سرگرمين ۽ روزگار جا نوان موقعا پيدا ٿيندا. جڏهن ته سنگ مرمر ۽ گرينائيٽ کي جديد مشينري ذريعي پراسيس ڪري اعليٰ معيار جون شيون تيار ڪري عالمي مارڪيٽن ۾ برآمد ڪري سگهبيون. حقيقت ۾ ڪنهن به ملڪ لاءِ خام مال وڪرو ڪرڻ بدران ان مان تيار شيون پيدا ڪرڻ وڌيڪ فائديمند هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته ان سان پيداوار جي قيمت وڌڻ سان گڏ مقامي صنعتن، پورهيتن ۽ ڪاروباري طبقي کي به فائدو پهچندو آهي.

ماربل سٽي ۾ في ايڪڙ زمين جي سراسري قيمت اڍائي ڪروڙ رپيا مقرر ڪرڻ ۽ سيڙپڪارن کي قسطن ۾ ادائيگيءَ جي سهولت ڏيڻ وارو اعلان پڻ اهم آهي. ساڳئي وقت سنڌ حڪومت جي خاص معاون قاسم نويد قمر پاران گهٽ اگهه تي بجلي، جديد مشينري ۽ ٻين صنعتي سهولتن جي فراهميءَ بابت ڏنل تفصيل اميد افزا آهن. جيڪڏهن صنعتڪارن کي واقعي مناسب اگهه تي بجلي، جديد ٽيڪنالاجي ۽ آسان شرطن تي مالي سهولتون ملن ٿيون ته پيداوار جي خرچن ۾ گهٽتائي اچي سگهي ٿي ۽ پاڪستاني شيون عالمي منڊيءَ ۾ مقابلي جي قابل بڻجي سگهن ٿيون.

ڪراچي کي هن منصوبي لاءِ چونڊڻ جا به اهم سبب آهن. ملڪ جو وڏو صنعتي ۽ واپاري مرڪز هجڻ، سامونڊي بندرگاهن، شاهراهن ۽ عالمي واپاري رابطن جي موجودگي ڪراچي کي صنعتي سيڙپڪاريءَ لاءِ اهم بڻائي ٿي. ماربل سٽي کي شاهراهه پٽو ۽ بندرگاهن سان بهتر رابطن ذريعي ڳنڍڻ سان خام مال جي منتقلي ۽ تيار شين جي برآمد ۾ آساني پيدا ٿي سگهي ٿي. اهڙي ريت هن منصوبي جا فائدا رڳو سنڌ تائين محدود نه رهندا، پر ملڪ جي مختلف علائقن مان حاصل ٿيندڙ معدني وسيلن کي به هڪ جديد صنعتي نظام سان ڳنڍڻ جو موقعو ملندو. بهرحال، صنعتي ترقيءَ لاءِ رڳو زمين ۽ عمارتون فراهم ڪرڻ ڪافي ناهي. بجلي، پاڻي، گئس، روڊن، جديد مشينري، مال برداري ۽ ماحولياتي تحفظ جون سهولتون يقيني بڻائڻ ضروري آهن. ان سان گڏ زمينن جي الاٽمينٽ ۾ شفافيت، حقيقي صنعتڪارن کي ترجيح ۽ منصوبي تي مقرر وقت اندر عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ گهرجي. ماضيءَ ۾ ڪيترائي صنعتي منصوبا اعلانن ۽ افتتاحي تقريبن تائين محدود رهيا آهن، تنهن ڪري ماربل سٽي کي اهڙي صورتحال کان بچائڻ حڪومت جي بنيادي ذميواري آهي. هن منصوبي جو هڪ اهم مقصد مقامي نوجوانن لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ پڻ هجڻ گهرجي. سنڌ جي فني تعليمي ادارن ذريعي نوجوانن کي جديد مشينري هلائڻ، پٿر جي ڪٽائي، ڊزائننگ، پالشنگ ۽ صنعتي پيداوار جي تربيت ڏني وڃي، جيئن نئين قائم ٿيندڙ صنعتن ۾ مقامي ماڻهن کي روزگار ملي سگهي. ننڍن ۽ وچولي درجي جي صنعتڪارن کي به مالي سهولتون فراهم ڪيون وڃن ته جيئن صنعتي ترقيءَ جا فائدا رڳو وڏن سرمائيدارن تائين محدود نه رهن. سنڌ وٽ معدني وسيلن سان گڏ زرعي پيداوار ۽ توانائيءَ جي شعبي ۾ به وسيع امڪان موجود آهن. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ماربل سٽي جهڙن منصوبن سان گڏ زرعي صنعتن، خوراڪ جي پراسيسنگ ۽ ٻين پيداواري شعبن کي پڻ هٿي ڏني وڃي. ان سان مقامي پيداوار ۾ واڌ، برآمدات ۾ اضافو ۽ بيروزگاريءَ ۾ گهٽتائي آڻي سگهجي ٿي.

حڪومتن جي ڪاميابيءَ جو اصل معيار وڏا اعلان نه، پر انهن جا عملي نتيجا هوندا آهن. ماربل سٽي جي پري لانچنگ کان پوءِ هاڻي ضروري آهي ته ان جي باقاعده شروعات، بنيادي سهولتن جي فراهمي ۽ صنعتن جي قيام لاءِ واضح وقت مقرر ڪيو وڃي. سيڙپڪارن جو اعتماد برقرار رکڻ ۽ سرڪاري ادارن جي غيرضروري رنڊڪن کي ختم ڪرڻ به لازمي آهي. ملڪ هن وقت مهانگائي، بيروزگاري ۽ معاشي دٻاءَ کي منهن ڏئي رهيو آهي. اهڙين حالتن ۾ صنعتي ترقي ۽ مقامي وسيلن جو بهتر استعمال ئي معاشي استحڪام جو اهم رستو بڻجي سگهي ٿو. ڪراچي ۾ ماربل سٽي جو منصوبو جيڪڏهن اعلانن بدران عملي صورت اختيار ڪري ٿو ته اهو سنڌ سميت سڄي ملڪ جي صنعتي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. هاڻي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته قدرتي وسيلن کي خام مال جي صورت ۾ وڪرو ڪرڻ بدران انهن مان مقامي سطح تي معياري شيون تيار ڪيون وڃن، جيئن سيڙپڪاريءَ جو فائدو صنعتڪارن سان گڏ پورهيتن، نوجوانن ۽ عام ماڻهن تائين به پهچي ۽ ملڪ جي معيشت حقيقي معنيٰ ۾ مضبوط ٿي سگهي.

---

# پاڪستان جي سياست ۾ نئون اتحاد، ڇا سياسي منظرنامو تبديل ٿيڻ وارو آهي؟

**غلام مصطفيٰ جمالي**

پاڪستان جي سياست ۾ ڪڏهن ڪڏهن خاموشي به ڪنهن وڏي سياسي طوفان جو پيش خيمو بڻجي ويندي آهي. گذريل ڪيترن ئي مهينن کان ملڪ جو سياسي ماحول اختلافن، بيانن، احتجاجن ۽ هڪ ٻئي تي الزامن جي ورچڙهيل رهيو آهي، پر هاڻي سياسي جماعتن وچ ۾ رابطن ۽ ملاقاتن جو هڪ نئون سلسلو شروع ٿيندي نظر اچي رهيو آهي. مخالف ڌر جي جماعتن پاران گڏيل سياسي حڪمت عملي ٺاهڻ جون ڪوششون ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪن ٿيون ته ملڪ جي سياست ڪنهن نئين مرحلي ۾ داخل ٿي سگهي ٿي. سوال اهو آهي ته ڇا اهي رابطا رڳو سياسي ملاقاتن تائين محدود رهندا يا واقعي پاڪستان ۾ هڪ نئون سياسي اتحاد وجود ۾ ايندو؟

پاڪستان جي سياسي تاريخ شاهد آهي ته هتي سياسي جماعتون ڪڏهن هڪ ٻئي جي خلاف چونڊن جي ميدان ۾ بيٺل نظر اينديون آهن ته ڪڏهن پنهنجا اختلاف وساري گڏيل سياسي مقصدن لاءِ هڪ ئي پليٽ فارم تي گڏ ٿي وينديون آهن. ماضي ۾ به مختلف سياسي اتحاد وجود ۾ آيا، تحريڪون هليون ۽ حڪومتن خلاف گڏيل جدوجهد ڪئي وئي، پر هر اتحاد جي ڪاميابي جو دارومدار ان ڳالهه تي رهيو ته ان جا مقصد ڪيترا واضح هئا ۽ ان ۾ شامل جماعتون پنهنجا اختلاف ڪيتري حد تائين پاسي تي رکڻ لاءِ تيار هيون.

موجوده سياسي رابطن ۾ مولانا فضل الرحمان جو ڪردار خاص اهميت رکي ٿو. سندس جماعت جمعيت علماءِ اسلام (ف) ماضي ۾ به مختلف سياسي جماعتن وچ ۾ رابطن ۽ ڳالهين ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي رهي آهي. ٻئي طرف پاڪستان تحريڪ انصاف به ملڪ جي موجوده سياسي صورتحال ۾ مخالف ڌر جي گڏيل حڪمت عملي لاءِ رابطا ڪري رهي آهي. تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي پليٽ فارم تان ٿيندڙ سياسي سرگرميون به ساڳئي پس منظر ۾ ڏٺيون پيون وڃن. جيڪڏهن انهن جماعتن وچ ۾ سياسي معاملن تي اتفاق راءِ پيدا ٿئي ٿو ته ملڪ ۾ مخالف ڌر جي سياست هڪ نئين صورت اختيار ڪري سگهي ٿي.

پر سياسي اتحاد ٺاهڻ ۽ ان کي برقرار رکڻ به الڳ معاملا آهن. پاڪستان جي سياست ۾ ماضي جا ڪيترائي اتحاد ان ڪري ڪمزور ٿيا جو انهن ۾ شامل جماعتن جي وچ ۾ رڳو حڪومت جي مخالفت وارو گڏيل خيال موجود هو، پر مستقبل جي سياسي ۽ معاشي معاملن بابت ڪو گڏيل پروگرام موجود نه هو. تنهن ڪري جيڪڏهن موجوده سياسي جماعتون واقعي ڪو گڏيل پليٽ فارم ٺاهڻ چاهين ٿيون ته کين پهرين پنهنجا بنيادي اختلاف ختم ڪرڻا پوندا. رڳو جلسن، پريس ڪانفرنسن ۽ سياسي بيانن سان عوام جو اعتماد حاصل نٿو ڪري سگهجي.

حڪومت لاءِ به اها صورتحال هڪ اهم سياسي چئلينج بڻجي سگهي ٿي. جمهوري نظام ۾ مخالف ڌر جو مضبوط هجڻ ڪا غير معمولي ڳالهه ناهي، پر اهو پارلياماني جمهوريت جو بنيادي حصو آهي. مخالف ڌر حڪومت جي پاليسين تي تنقيد ڪندي آهي، عوامي مسئلن کي اجاگر ڪندي آهي ۽ حڪومتي فيصلن جو پارليامينٽ ۾ جائزو وٺندي آهي. اهڙي طرح حڪومت جي به ذميواري آهي ته اختلاف ڪندڙ آوازن کي سياسي عمل جو حصو سمجهي ۽ انهن جي خدشن کي ٻڌڻ لاءِ ڳالهين جو رستو اختيار ڪري.

ملڪ جي موجوده معاشي صورتحال به سياسي جماعتن کان سنجيدگيءَ جو تقاضو ڪري ٿي. مهانگائي، بجلي جا ڳرا بل، گئس جون وڌندڙ قيمتون، بيروزگاري، ڪاروباري ڏکيائيون ۽ عام ماڻهوءَ جي خريداري جي سگهه ۾ گهٽتائي اهڙا مسئلا آهن، جن سبب لکين خاندان متاثر ٿي رهيا آهن. عام شهري لاءِ سياسي اتحاد جي اهميت تڏهن آهي، جڏهن ان جي نتيجي ۾ سندس زندگيءَ ۾ ڪا مثبت تبديلي اچي. عوام کي ان ڳالهه سان وڌيڪ دلچسپي آهي ته کين روزگار ڪڏهن ملندو، بجلي جا بل ڪڏهن گهٽ ٿيندا، ٻارن جي تعليم ۽ علاج جا خرچ ڪيئن پورا ٿيندا ۽ گهرن جو بجيٽ ڪڏهن بهتر ٿيندو.

پاڪستان ۾ سياسي اتحاد جي هن ڪوشش جو هڪ اهم پاسو خيبر پختونخواهه جي صورتحال به آهي. وفاقي ۽ صوبائي حڪومت وچ ۾ اختلافن سبب سياسي ماحول وڌيڪ حساس بڻيل آهي. مخالف ڌر جا ڪجهه اڳواڻ انهن معاملن کي آئيني ۽ جمهوري حقن سان جوڙي رهيا آهن، جڏهن ته حڪومتي موقف کي به سامهون رکڻ ضروري آهي. اهڙن معاملن جو حل سياسي بيانن بدران آئين، پارليامينٽ ۽ لاڳاپيل قانوني ادارن ذريعي ئي ڳولڻ گهرجي.

4 نومبر تي اسلام آباد ۾ مولانا فضل الرحمان جي رهائشگاهه تي ٿيل ملاقات به انهيءَ سياسي پس منظر ۾ اهميت رکي ٿي. ان ملاقات ۾ محمود خان اچڪزئي، اسد قيصر، سلمان اڪرم راجا، علامه راجا ناصر عباس ۽ ٻين سياسي اڳواڻن شرڪت ڪئي. ملاقات دوران مخالف ڌر جي جماعتن وچ ۾ رابطا مضبوط ڪرڻ، پارلياماني سهڪار وڌائڻ ۽ آل پارٽيز ڪانفرنس گهرائڻ بابت صلاح مشورا ڪيا ويا. ان کان سواءِ تحريڪ انصاف ۽ جمعيت علماءِ اسلام وچ ۾ اختلاف ختم ڪرڻ لاءِ الڳ ڪميٽي ٺاهڻ جو فيصلو به سامهون آيو. اها اڳڀرائي ظاهر ڪري ٿي ته سياسي جماعتون گهٽ ۾ گهٽ رابطن ۽ صلاح مشورن جو رستو اڳتي وڌائڻ چاهين ٿيون.

محمود خان اچڪزئي جي اڳواڻيءَ ۾ مخالف ڌر جي اتحاد لاءِ اهو به هڪ امتحان هوندو ته هو مختلف سياسي جماعتن کي هڪ گڏيل موقف تي ڪيئن گڏ ڪري ٿو. تحريڪ انصاف ۽ جمعيت علماءِ اسلام جا سياسي، نظرياتي ۽ ماضيءَ جا اختلاف پنهنجي جاءِ تي موجود آهن. ٻنهي جماعتن جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وچ ۾ ڪجهه معاملن تي خدشا به رهيا آهن. تنهن ڪري ڪنهن به گڏيل اتحاد لاءِ ضروري هوندو ته ماضيءَ جي تلخين کي سياسي ڳالهه ٻولهه جي راهه ۾ رڪاوٽ نه بڻجڻ ڏنو وڃي.

ٻئي طرف حڪومت کي به اهو سمجهڻو پوندو ته سياسي استحڪام رڳو حڪومتي اڪثريت سان قائم نٿو رهي. ملڪ ۾ جمهوري ماحول تڏهن مضبوط ٿيندو آهي، جڏهن حڪومت ۽ مخالف ڌر هڪ ٻئي جي سياسي وجود کي تسليم ڪندي قومي معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪن. جيڪڏهن سياسي جماعتون هر معاملي کي پنهنجي ڪاميابي ۽ ٻئي جي شڪست سمجهنديون ته اختلاف ختم ٿيڻ بدران وڌيڪ وڌندا رهندا. پارليامينٽ کي سياسي مقابلي سان گڏ قومي مسئلن جي حل جو مرڪز به بڻائڻو پوندو.

پاڪستان هن وقت دهشتگردي، معاشي دٻاءُ، بيروزگاري، مهانگائي، صوبائي حقن ۽ پرڏيهي پاليسي سميت ڪيترن ئي اهم چئلينجن کي منهن ڏئي رهيو آهي. انهن مسئلن جو حل ڪنهن هڪ سياسي جماعت وٽ موجود نٿو ٿي سگهي. ملڪ جي سڀني وڏين جماعتن کي گهٽ ۾ گهٽ قومي سلامتي، معيشت، تعليم، صحت ۽ آئيني معاملن تي گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن مخالف ڌر جو اتحاد رڳو حڪومت خلاف احتجاج تائين محدود رهيو ته عوام کي ان مان ڪو خاص فائدو نه ٿيندو. اتحاد ۾ شامل جماعتن کي عوام آڏو واضح معاشي ۽ سياسي پروگرام به پيش ڪرڻو پوندو.

سياسي اتحاد جي ڪاميابيءَ جو اصل امتحان عوامي مسئلن جي حل ۾ هوندو. عوام هاڻي رڳو جلسن جون تقريرون، سياسي نعرا ۽ هڪ ٻئي تي الزام ٻڌڻ نٿو چاهي. ماڻهن کي اهڙا فيصلا گهرجن، جن سان سندن گهرن جا خرچ گهٽ ٿين، نوجوانن کي روزگار ملي، آبادگارن کي سندن فصلن جو مناسب اگهه ملي ۽ عام شهري کي انصاف حاصل ڪرڻ لاءِ دربدر نه ٿيڻو پوي. جيڪڏهن سياسي جماعتون انهن معاملن کي پنهنجي گڏيل پروگرام ۾ شامل ڪن ٿيون ته اها سياست لاءِ هڪ مثبت اڳڀرائي ٿي سگهي ٿي. اهو به ضروري آهي ته سياسي جماعتون پنهنجن اختلافن باوجود پارليامينٽ جي بالادستي، آئين جي پاسداري ۽ ادارن جي آئيني دائري اختيار کي تسليم ڪن. ڪنهن به بحران جو حل غير يقيني صورتحال پيدا ڪرڻ ۾ نه، پر آئيني طريقيڪار ۽ ڳالهين ۾ لڪل هوندو آهي. سياسي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن لاءِ به ضروري آهي ته اختلاف راءِ کي دشمنيءَ ۾ تبديل نه ڪن. جمهوريت ۾ تنقيد جو حق به اهم آهي ۽ مخالف راءِ کي برداشت ڪرڻ به لازمي آهي.

هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته تجويز ڪيل آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ ڪهڙيون جماعتون شرڪت ڪن ٿيون ۽ اتي رڳو موجوده سياسي صورتحال تي ڳالهيون ٿينديون يا ملڪ کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ ڪو گڏيل پروگرام به سامهون ايندو. جيڪڏهن مخالف ڌر جون جماعتون پنهنجا اختلاف گهٽائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ٿيون ته پارليامينٽ اندر سندن گڏيل ڪردار وڌيڪ منظم ٿي سگهي ٿو. تنهن هوندي به اتحاد جي مضبوطيءَ جو فيصلو وقت، سياسي حڪمت عملي ۽ عملي قدمن سان ٿيندو.

پاڪستان جي سياست کي هن وقت محاذ آرائيءَ کان وڌيڪ ڳالهه ٻولهه، الزامن کان وڌيڪ دليل ۽ اقتدار جي ڇڪتاڻ کان وڌيڪ قومي مفاد جي ضرورت آهي. حڪومت هجي يا مخالف ڌر، ٻنهي کي اها حقيقت تسليم ڪرڻي پوندي ته ملڪ ڪنهن هڪ جماعت جو نه، پر عوام جو آهي. اقتدار ايندو ۽ ويندو رهندو آهي، پر رياستي ادارن، آئيني نظام ۽ عوامي اعتماد جو تحفظ سڀني جي گڏيل ذميواري آهي. آخر ۾ اهو چوڻ غلط نه ٿيندو ته پاڪستان جي سياست ۾ نئين اتحاد جي ڪوشش هڪ اهم اڳڀرائي ضرور آهي، پر ان جي اصل ڪاميابيءَ جو فيصلو پريس ڪانفرنسن ۽ سياسي اعلانن سان نه، پر عملي ڪارڪردگيءَ سان ٿيندو. جيڪڏهن سياسي جماعتون ذاتي ۽ جماعتي مفادن کان مٿي ٿي عوامي مسئلن، آئيني بالادستي ۽ جمهوري استحڪام کي ترجيح ڏين ٿيون ته اهو اتحاد ملڪ جي سياست کي هڪ نئين رخ ڏانهن وٺي وڃي سگهي ٿو. ٻي صورت ۾ اهو به ماضيءَ جي ڪيترن سياسي اتحادين وانگر رڳو ملاقاتن ۽ بيانن تائين محدود ٿي رهجي ويندو.

---

# "گهر جا راز، گهر جي چوديواريءَ ۾ ئي سٺا!"

**حڪيم پريم چانڊوائي**

گهر جي ڳالهه گهر ۾ رهي،
چو رازن تان، پردو ڪجي

گهر رڳو سرن، پٿرن، دروازن ۽ ڇتين سان ٺهيل عمارت جو نالو ناهي، پر اهو محبت، اعتماد، قربت، احساس، رشتن ۽ گڏيل ذميوارين جو اهڙو مقدس جهان آهي، جتي انسان پنهنجي دنيا جي سمورن ٿڪاوٽن کان بي نياز ٿي سڪون ڳولي ٿو. گهر جي اصل خوبصورتي ان جي قيمتي سامان، وڏين ڇتين يا ظاهري شان ۾ نه، پر ان جي اندر رهندڙ ماڻهن جي هڪٻئي لاءِ احترام، اعتماد ۽ رازداراڻه روين ۾ لڪل هوندي آهي. جنهن گهر مان اعتماد جو رشتو ختم ٿي وڃي، اتي سهولتون هونديون به سڪون نٿو رهي.

هر خاندان جي پنهنجي هڪ اندروني دنيا هوندي آهي. ان ۾ خوشيون به هونديون آهن، اختلاف به، مالي پريشانيون به، ذاتي معاملا به ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهڙيون ڪمزوريون به، جن کي سمجهڻ، سنڀالڻ ۽ حل ڪرڻ لاءِ گهر جي ڀاتين کي پاڻ ۾ ويهي ڳالهائڻ گهرجي. پر افسوس جو اڄ ڪجهه ماڻهن وٽ ذاتي زندگيءَ جا معاملا ٻين تائين پهچائڻ جڻ سماجي مشغلو بڻجي ويو آهي. ڪنهن جي گهريلو اختلاف کي محفل جو موضوع، ڪنهن جي مالي پريشانيءَ کي چرچي جو سامان ۽ ڪنهن جي ذاتي ڪمزوريءَ کي ماڻهن جي تجسس لاءِ پيش ڪيو وڃي ٿو. اهڙي روش سان نه رڳو هڪ فرد جي عزت مجروح ٿئي ٿي، پر سڄي خاندان جي وقار کي به نقصان پهچي ٿو.

گهر جي ڳالهه جي عام ٿيندي
مسخري سڀ لئي جام ٿيندي

ياد رکڻ گهرجي ته هر سچ هر هنڌ بيان ڪرڻ ضروري ناهي ۽ هر ڳالهه هر ماڻهوءَ کي ٻڌائڻ دانشمندي به ناهي. ڳالهائڻ جي آزاديءَ سان گڏ خاموش رهڻ جي اخلاقي ذميواري به آهي. راز رکڻ بزدلي نه، پر ڪردار جي پختگي آهي. جيڪو ماڻهو ڪنهن جي اعتماد ۾ ٻڌايل ڳالهه کي پنهنجي ذاتي شهرت، محفل جي رونق يا عارضي مفاد لاءِ ظاهر ڪري ٿو، اهو دراصل پنهنجي ئي شخصيت جي اخلاقي عمارت کي ڪمزور ڪري ٿو. زبان مان نڪتل لفظ واپس نٿا موٽي سگهن؛ اهي ڪڏهن ڪڏهن اهڙا زخم ڏئي ويندا آهن، جيڪي سالن تائين نٿا ڀرجن.

گهرن ۾ اختلاف پيدا ٿيڻ ڪا غيرمعمولي ڳالهه ناهي. مختلف مزاج، سوچون، خواهشون ۽ حالتون ڪڏهن ڪڏهن ڇڪتاڻ پيدا ڪنديون آهن، پر سمجهدار ماڻهو اختلاف کي تماشو بڻائڻ بدران ڳالهه ٻولهه، برداشت ۽ مفاهمت سان حل ڪندا آهن. گهر جي چئن ديوارين اندر پيدا ٿيل مسئلي کي بازارن، محفلن ۽ سوشل ميڊيا تائين پهچائڻ سان مسئلو حل ٿيڻ بدران وڌيڪ پيچيده ٿي ويندو آهي. ٻين جي غيرضروري مداخلت، اڌوري ڄاڻ ۽ ذاتي مفادن جي ڪري ننڍيون ڳالهيون وڏن تڪرارن ۾ تبديل ٿي سگهن ٿيون.

پر هتي هڪ اهم فرق سمجهڻ به ضروري آهي: گهر جي رازداريءَ جو مطلب ظلم، تشدد، زيادتي، استحصال يا ڪنهن جي حق تلفيءَ کي لڪائڻ هرگز ناهي. جتي ڪنهن جي جان، عزت، آزادي يا سلامتي خطري ۾ هجي، اتي خاموشي ڏوهه جي سهولت بڻجي سگهي ٿي. اهڙين حالتن ۾ متاثر شخص کي ڀروسي جوڳي فرد، قانوني اداري يا لاڳاپيل اختيارين سان رابطو ڪرڻ گهرجي. رازداريءَ جو احترام ۽ ظلم خلاف آواز اٿارڻ به الڳ اخلاقي ذميواريون آهن. اسان کي پنهنجي سماجي تربيت ۾ اها ڳالهه شامل ڪرڻي پوندي ته ٻين جي ذاتي زندگيءَ ۾ غيرضروري جهاتي پائڻ، سندن ڳالهين جي جاسوسي ڪرڻ ۽ گهرن جي اندروني معاملن کي عام ڪرڻ ڪا بهادري يا ذهانت ناهي. اصل عظمت ان ماڻهوءَ جي آهي، جيڪو ڪنهن جو راز پنهنجي سيني ۾ دفن رکي، ڪنهن جي عزت جي حفاظت ڪري ۽ ڪنهن جي ڪمزوريءَ کي پنهنجي برتريءَ جو ذريعو نه بڻائي. هر گهر کي محبت جي پناهه گاهه بڻائڻ لاءِ ضروري آهي ته گهر جا ڀاتي هڪٻئي جي ڳالهه ٻڌن، غلط فهمين کي وڌڻ نه ڏين، ٻاهرين ماڻهن کي غيرضروري مداخلت جو موقعو نه ڏين ۽ پنهنجي زبان کي ذميواريءَ سان استعمال ڪن. والدين پنهنجي اولاد کي راز رکڻ ۽ اخلاق سيکارين، اولاد بزرگن جي عزت ڪري ۽ زال مڙس هڪٻئي جي اعتماد کي پنهنجي رشتي جو بنياد بڻائين. اهڙي تربيت سان ئي خاندان مضبوط ۽ سماج مهذب بڻجي سگهي ٿو. اچو ته اڄ پاڻ سان هڪ عهد ڪريون ته ڪنهن جي ذاتي زندگيءَ کي تماشو نه بڻائينداسين، ڪنهن جي اعتماد کي ٿوري شهرت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪنداسين ۽ پنهنجي گهر جي اختلافن کي سمجهه ۽ محبت سان حل ڪنداسين. ڇو ته گهر جي عزت جي حفاظت صرف گهر جي سربراهه جي نه، پر هر فرد جي گڏيل ذميواري آهي. ياد رکڻ گهرجي ته، ماڻهن جي زبانن تي پنهنجي گهر جا قصا ٻڌڻ کان بهتر آهي ته پنهنجي گهر ۾ محبت، اعتماد ۽ احترام جا ڏيئا روشن رکجن.

گهر جي ڳالهه گهر ۾ رهي،
چو رازن تان، پردو ڪجي
حڪيم پريم چانڊوائي

---

**بقايا** *** 01

دنيا معاشي بحران کي منهن ڏئي رهي آهي ۽ پاڪستان جا عوام به ان کان متاثر ٿي رهيا آهن. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته کيس ڪافي عرصي کانپوءِ لاڙڪاڻي اچڻ جو موقعو مليو آهي، بلوچستان سميت ٻين علائقن جا ماڻهو به علاج لاءِ لاڙڪاڻي اچن ٿا. اسان جي هميشه اها ترجيح رهي آهي ته معاشري جي پٺتي پيل طبقن کي عالمي معيار جون صحت جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن. هن چيو ته ڪنهن به شهري کي مالي وسيلن جي کوٽ سبب علاج جي سهولت کان محروم نه رکيو ويندو. لاڙڪاڻي ۽ قمبر شهدادڪوٽ ۾ مختلف ترقياتي منصوبن تي ڪم جاري آهي. سندس چوڻ هو ته پنجاب، خيبرپختونخوا ۽ بلوچستان جي ڀيٽ ۾ سنڌ ۾ اعليٰ تعليم جي شعبي کي وڌيڪ سهڪار فراهم ڪيو پيو وڃي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته اميد آهي ته 600 بسترن واري اسپتال لاڙڪاڻي جي شان وٽان تعمير ڪئي ويندي ۽ اتي عالمي معيار جون صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. هن چيو ته شهر ۾ ڪيترائي مسئلا موجود آهن، جن کي حل ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪيون وينديون، جڏهن ته لاڙڪاڻي ۾ پاڻي جي فراهمي جا مسئلا به حل ڪيا ويندا. سنڌ حڪومت اعليٰ تعليم ۽ واڌاري لاءِ به بهترين ڪم ڪري رهي آهي ۽ تعليم جي شعبي ۾ وڌيڪ بهتري آڻڻ لاءِ قدم جاري رکيا ويندا. پيپلزپارٽي چيئرمين چيو ته وفاقي حڪومت، خيبرپختونخوا حڪومت ۽ پيپلزپارٽي وچ ۾ رابطن کي بهتر بڻائڻ تي اتفاق ٿيو آهي، وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقاتون انتهائي مثبت رهيون، ٻنهي گڏجي حڪمت عملي تيار ڪئي آهي. هن چيو ته وزيراعظم کي مختلف صوبن ۾ ڪابينا جا اجلاس ڪوٺائڻ جي دعوت پڻ ڏني آهي، جيئن وفاق ۽ صوبن وچ ۾ رابطي ۽ سهڪار کي هٿي ڏئي سگهجي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته وفاقي حڪومت سان رابطن کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪراچي ۾ اجلاس ڪوٺايا ويندا، پرڏيهي دوري تان واپسي کانپوءِ ڀيهر ملاقاتون ٿينديون. هن چيو ته بلوچستان حڪومت کي به وفاق سان شڪايتون آهن، صوبي کي وفاقي حڪومت طرفان اهو سهڪار نه پيو ملي، جيڪو ملڪ جي معاشي صورتحال بابت ڳالهائيندي بلاول ڀٽو زرداري وفاقي حڪومت کي صلاح ڏني ته معاشي بحران دوران هر ڪنهن سان محاذ آرائي ڪرڻ بدران سمورن سياسي ڌرين سان ڳالهين جو سلسلو شروع ڪيو وڃي. هن چيو ته اسان جو ڌيان پاڻ ۾ اختلافن بدران عوام جا مسئلا حل ڪرڻ تي هجڻ گهرجي. پهرين پي ٽي آءِ ۽ پوءِ مولانا فضل الرحمان سان ويڙهه ٿيندي ته عوام جون ڏکيائيون وڌنديون. تنهن ڪري اسان کي ترجيح عوامي مسئلن جي حل کي ڏيڻ گهرجي. آمريڪي چونڊن ۽ عالمي صورتحال بابت سوال تي بلاول ڀٽو چيو ته آمريڪا جي عوام ڊونلڊ ٽرمپ کي امن جو نعرو هڻڻ تي مينڊيٽ ڏنو هو. آمريڪي عوام جنگ کي رد ڪري امن جي حق ۾ ووٽ ڏنو آهي. هن چيو ته اسرائيل سازش تحت آمريڪا سان گڏجي ايران تي حملو ڪيو، جنگي حالتون دنيا تي مڙهيون ويون آهن ۽ ان جو معاشي بار عوام برداشت ڪري رهيا آهن. تاريخ ۾ اهڙو معاشي بار اڳ ڪڏهن به نه ڏٺو ويو آهي. سيمينار بابت صحافي جي سوال تي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته هر هنڌ ماڻهو سيمينار، سيمينار ڪيڏي رهيا آهن، توهان به لاڙڪاڻي پريس ڪلب ۾ سيمينار ڪرائو، مان ضرور شرڪت ڪندس.

**بقايا** *** 02

ن صوبن جي قيام جي حمايت ڪندي ان کي وقت جي ضرورت قرار ڏنو آهي. نوجوانن شهر جي ابتر صورتحال، بنيادي سهولتن جي کوٽ ۽ موجوده انتظامي نظام تي مايوسي جو اظهار ڪيو آهي. ڪراچي جي نوجوانن جو چوڻ آهي ته ڪيترن سالن گذرڻ باوجود شهر جي حالتن ۾ بهتري نه اچي سگهي آهي. يونيورسٽي روڊ جي تعمير ۽ مرمت جو ڪم 6 کان 7 سال گذرڻ باوجود مڪمل نه ٿي سگهيو آهي، جڏهن ته شهر جا گهڻا روڊ بدحالي جو شڪار آهن. جڏهن ته شهر ۾ ترقياتي منصوبن تي سالن کان ڪم جاري آهي، پر منصوبا مڪمل ٿيڻ جو نالو نٿا وٺن. جنهن سبب شهرين کي روزانو مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. نوجوانن وڌيڪ چيو ته شهر ۾ نوجوانن لاءِ روزگار جا مناسب موقعا موجود ناهن ۽ بهتر مستقبل لاءِ به ضروري سهولتن جو فقدان آهي. هنن جو مطالبو هو ته مقامي آبادي کي پنهنجن علائقن جا انتظامي معاملا هلائڻ جا اختيار ڏنا وڃن ته جيئن شهرين جي مسئلن جي حل سان گڏ لاڳاپيل عملدارن جي جوابدهي به يقيني بڻائي سگهجي. نوجوانن موجب موجوده انتظامي ڍانچي ۾ بهتري نه اچڻ سبب ننڍن صوبن ۽ نون انتظامي يونٽن جي قيام تي غور ضروري ٿي ويو آهي.

**بقايا** *** 03

زير بابڪر سمرا مصطفيٰ علي جمعي ڏينهن هتي پرڏيهي وزارت ۾ ملاقات ڪئي. پرڏيهي آفيس جي ترجمان موجب نائب وزيراعظم سوڊان جي خودمختياري، وحدت ۽ علائقائي سالميت جي لاءِ پاڪستان جي اٽل حمايت جو ورجاءُ ڪيو. هن سوڊان سان لاڳاپن کي پاڪستان جي لاءِ اهم قرار ڏيندي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ پائيدار لاڳاپن کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ جي عزم جو اظهار ڪيو. سوڊان جي گهرو وزير پاڪستان جي حمايت ۽ سوڊان سان مسلسل يڪجهتي تي ٿورا ادا ڪيا. هن ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ پائيدار لاڳاپن جي مضبوطي کي اجاگر ڪندي گڏيل دلچسپي جي سمورن شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ جي سوڊان جي خواهش جو اظهار ڪيو. نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار جمعي ڏينهن هتي اقتصادي تعاون تنظيم (اي سي او) جي وزيرن واري ڪائونسل جي اجلاس جي تيارين کي حتمي شڪل ڏيڻ جي لاءِ منعقد اجلاس جي صدارت ڪئي. پرڏيهي آفيس موجب اي سي او وزيرن واري ڪائونسل جو اجلاس 15 ۽ 16 نومبر تي اسلام آباد ۾ منعقد ٿيندو. نائب وزيراعظم اجلاس جي تيارين ۾ ٿيندڙ اڳڀرائي تي اطمينان جو اظهار ڪندي لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي ته اجلاس جي ڪامياب ۽ خوش اسلوبي سان انعقاد کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ گڏيل رابطو ۽ موثر تعاون برقرار رکيو وڃي. هن اي سي او جي لاءِ پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪندي ان اميد جو اظهار ڪيو ته اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙ وفدن جي اسلام آباد ۾ آجيان ڪئي ويندي ۽ علائقائي تعاون جي فروغ جي حوالي سان ڪارائتي خيالن جي ڏي وٺ ٿيندي. اجلاس ۾ پرڏيهي وزارت جي سينيئر عملدارن شرڪت ڪئي.

**بقايا** *** 04

حج ٽور آپريٽرز کي ايس اي سي پي شوڪاز نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا آهن. نجي ٽي وي جي رپورٽ موجب مفتي ابرار جي خاندان ۽ ساٿين سان منسوب آل عفو منظم جي ٽن لاڳاپيل ڪمپنين جي ملڪيتي رڪارڊ ۾ مبينا بي ضابطگين جي نشاندهي ٿي آهي. مفتي ابرار سان منسوب سجاد ٽريولز، آل رحاب انٽرنيشنل ۽ شڪر الفيضان ٽريولز کي ايس اي سي پي شوڪاز نوٽيس جاري ڪيا. مفتي ابرار سان منسوب حج ٽور آپريٽرز کان حقيقي مالڪن جي معلومات جمع نه ڪرائڻ تي ايس اي سي پي وضاحت طلب ڪئي آهي. ڪمپنين کي نوٽيس جاري ڪيا ويا، مفتي ابرار سان منسوب شڪر الفيضان ٽريولز کي ڪمپنيز ايڪٽ 2017 تحت قانوني تقاضن جي مبينا عدم تعميل تي شوڪاز نوٽيس جاري ڪيو ويو. مفتي ابرار سان منسوب آل رحاب انٽرنيشنل کي سال 2023 لاءِ حقيقي مالڪن جي گهربل معلومات جمع نه ڪرائڻ تي نوٽيس جاري ڪيو ويو. مفتي ابرار سان منسوب سجاد ٽريولز اينڊ ٽورز کي ايس اي سي پي جي حقيقي مالڪن جو گهربل رڪارڊ جمع نه ڪرائڻ تي ايس اي سي پي شوڪاز نوٽيس جاري ڪيو ويو. مفتي ابرار سان منسوب ٽن حج ٽور ڪمپنين کي 14 ڏينهن ۾ وضاحت جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪئي آهي. فضل الرحمان جي ويجهي اتحادي مفتي ابرار سان منسوب حج ٽور آپريٽرز کان ايس اي سي پي جي نوٽيس ۾ ملڪيتي معلومات ۾ بي ضابطگين تي جواب طلب ڪيو ويو.

**بقايا** *** 05

ڪئي. جنهن دوران بلدياتي ايڪٽ 2013 ۾ ترميمن بابت صلاح مشورا ڪيا ويا ۽ اعليٰ عدالتن ۾ انهن ترميمن خلاف آئيني درخواست تيار ڪرڻ تي به ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. ايم ڪيو ايم جي جاري ڪيل بيان موجب، مڪاني نمائندن جي مدي ۾ واڌ وارو فيصلو بدنيتيءَ تي ٻڌل ۽ اهڙي قانوني ترميم کي چيلينج ڪيو ويندو. بيان ۾ مطالبو ڪيو ويو ته بلدياتي نمائندن جو مدو ختم ٿيڻ کانپوءِ سمورا انتظامي اختيار غيرجانبدار ۽ غيرسياسي ماڻهن حوالي ڪيا وڃن، جڏهن ته ايندڙ بلدياتي چونڊون به غيرجانبدار انتظامي سيٽ اپ جي نگرانيءَ ۾ ڪرايون وڃن. موقعي تي ڊاڪٽر فروغ نسيم چيو ته بلدياتي ايڪٽ ۾ ڪيل ترميمن جو مڪمل جائزو وٺڻ کانپوءِ معاملي تي وڌيڪ صلاح مشورا ڪيا ويندا.

**بقايا** *** 06

اهم قدم کنيو ويو آهي. نئين بلاڪ جي او پي ڊي فعال ٿيڻ سان مريضن کي علاج معالجي جون بهتر سهولتون ميسر ٿينديون. سرڪاري اسپتالن ۾ صحت جون سهولتون جديد خطن تي استوار ڪرڻ ۽ شهرين کي معياري طبي سهولتون فراهم ڪرڻ بلديه عظميٰ ڪراچي جي ترجيحن ۾ شامل آهي. هن چيو ته نئين بلاڪ ۾ خصوصي ٻارن لاءِ الڳ انتظام ڪيو ويندو، جڏهن ته وڏي وزير سنڌ جي سهڪار سان اسپتال ۾ خصوصي ٻارن لاءِ الڳ بلاڪ به تعمير ڪيو ويندو. ترقياتي ڪمن جي تڪميل جو واعدو چيئرمين پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري ڪيو هو، جنهن کي پورو ڪيو ويو. دوائن جي فراهمي حوالي مرتضيٰ وهاب چيو ته جيڪڏهن عام مريض کي اسپتال مان دوائون نٿيون ملن ته پروڪيورمينٽ جو ڪهڙو فائدو؟ هن فيصلو ڪيو آهي ته جيسيتائين دوائن جي فراهمي جو موثر نظام جوڙيو نه ويندو، تيسيتائين دوائن جي خريداري نه ڪئي ويندي. هڪ مبينا معاملي جي انڪوائري حوالي هن چيو ته ان جي نشاندهي سڀ کان پهرين ميڊيا ڪئي، جنهن کانپوءِ فوري ڪارروائي ڪندي ڇاپو هنيو ويو ۽ اهم شاهديون سامهون آيون. 18 گريڊ جو آفيسر حنان پنو معاملي جي انڪوائري ڪري رهيو آهي، رپورٽ مڪمل ٿيڻ کانپوءِ تفصيل ميڊيا سان شيئر ڪيا ويندا. جيڪڏهن هن معاملي ۾ سندس شموليت به ثابت ٿي ته سندس خلاف به ڪارروائي ٿيڻ گهرجي. شروعاتي طور تي ذميواري سامهون اچڻ تي سندس حڪم تي هڪ شخص کي معطل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته رپورٽ اچڻ کانپوءِ سمورن ملوث ماڻهن خلاف ڪارروائي ٿيندي. ميئر ڪراچي ٻڌايو ته محڪمه صحت ۽ ميڊيڪل حوالي وڌيڪ انڪوائريون به جاري آهن. اڳوڻي ميئر مصطفيٰ ڪمال حوالي هن چيو ته هو سندس لاءِ قابل احترام آهن ۽ الزامن جي سياست ختم ٿيڻ گهرجي. اختيارن ۽ وسيلن جي کوٽ حوالي مرتضيٰ وهاب چيو ته سوال اهو آهي ته اهي فنڊ ڪٿي خرچ ڪيا ويا، جڏهن ته گيس ڪنيڪشن جي مد ۾ حاصل ٿيندڙ اربين رپيا به اڪائونٽس ۾ موجود آهن. ڪجهه اڪائونٽس ۾ رقم منافع بخش سرٽيفڪيٽس ۾ به رکي وئي، جنهن جي جاچ جاري آهي. حافظ نعيم الرحمان حوالي هڪ سوال جي جواب ۾ ميئر ڪراچي چيو ته حافظ نعيم الرحمان پينٽ شرٽ ۾ به سٺا لڳي رهيا هئا.

**بقايا** *** 07

جو سنجيدگيءَ سان نوٽيس ورتو آهي. صوبائي وزير يونيورسٽيز اينڊ بورڊز چيو ته حڪومت جي پهرين ترجيح شاگردن جي تعليمي عمل جو تسلسل برقرار رکڻ ۽ انهن جي مستقبل جو تحفظ ڪرڻ آهي. هن چيو ته 2017 ۾ وفاقي هائير ايجوڪيشن ڪميشن (HEC) جي مالي سهڪار سان قائم ڪيل عمرڪوٽ ڪيمپس ۾ ٿرپارڪر، ميرپورخاص ۽ ڀرپاسي وارن ضلعن جا لڳ ڀڳ 1,500 شاگرد تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. ڪيمپس جي تعمير ۽ ترقي وفاقي ايڇ اي سي جي منظور ٿيل پي ايس ڊي پي منصوبي تحت ٿيڻي هئي، پر وفاقي مالي سهڪار ۽ ترقياتي فنڊز جي فراهمي بند ٿيڻ سبب ڪيمپس سخت مالي ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ پگهارن جي عدم ادائيگي ۽ تعليمي سرگرميون متاثر ٿيون آهن. صوبائي وزير ٻڌايو ته مسلسل مالي بحران سبب پرو وائيس چانسلر احتجاج طور استعيفيٰ ڏئي ڇڏي آهي. استعيفيٰ جي سمري وصول ٿي چڪي آهي، جنهن تي وڏو وزير سنڌ قانون موجب فيصلو ڪندو. هن ٻڌايو ته وفاقي ايڇ اي سي ڪيمپس لاءِ 1,796.092 ملين رپين جو پي ايس ڊي پي منصوبو منظور ڪيو هو، جنهن مان 625 ملين رپيا خرچ ٿي چڪا آهن. جڏهن ته مالي سال 2026_27 لاءِ مختص ڪيل 300 ملين رپيا اڃا تائين جاري نه ڪيا ويا آهن. محمد اسماعيل راهو چيو ته لڳ ڀڳ 1,500 شاگردن جي تعليمي مستقبل ۽ تدريسي عمل جو تسلسل يقيني بڻائڻ لاءِ يونيورسٽي سنڌ حڪومت کان ساليانو 200 ملين رپيا (20 ڪروڙ رپيا) مالي سهڪار جي درخواست ڪئي آهي، جنهن تي صوبائي حڪومت مثبت انداز ۾ غور ڪيو آهي.

**بقايا** *** 08

رب 33 ڪروڙ رپيا وصول ڪرڻ لاءِ نيپرا ۾ درخواست جمع ڪرائي ڇڏي. درخواست سال 2026 جي ٽين ٽه ماهي، جولاءِ کان سيپٽمبر جي ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ جمع ڪرائي وئي آهي. بجلي ڪيتري مهانگي ٿيندي، ان جو فيصلو نيپرا ڪندو. درخواست ۾ ڪيپيسٽي چارجز جي مد ۾ 38 ارب 92 ڪروڙ رپيا وصول ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي آهي، جڏهن ته آپريشن اينڊ مينٽيننس جي مد ۾ 5 ارب 59 ڪروڙ 70 لک رپيا واڌ جو مطالبو ڪيو ويو آهي. ٻئي پاسي انڪريمنٽل پيڪيج جي اثرن جي مد ۾ 29 ارب 25 ڪروڙ رپيا گهٽتائي جي درخواست به ڪئي وئي آهي. ڪي اليڪٽرڪ سيپٽمبر 2026 جي ٽه ماهي ايڊجسٽمينٽ جو لاڳو ڪي اليڪٽرڪ جي صارفين تي به ٿيندو. نيپرا درخواست تي 17 نومبر تي ٻڌڻي ڪندو.

**بقايا** *** 09

ٽرانڪ ڪمپني ۽ صدر جي ڊيلر خلاف ڪنزيومر ڪورٽ ۾ 35 لک رپين هرجاڻي جي دعويٰ داخل ڪري ڇڏي. متاثر شهري ياسر اشفاق پنهنجي وڪيل عثمان فاروق وسيلي داخل درخواست ۾ ڪمپني ۽ ڊيلر کي ڌر بڻايو آهي. وڪيل موجب شهري صدر جي هاشو سينٽر ۾ واقع دڪان تان هڪ لک 2 هزار رپين ۾ فريج خريد ڪيو هو. خريداري جي رسيد ۽ وارنٽي ڪارڊ جاري ڪيو ويو. درخواستگذار وڪيل جو چوڻ آهي ته فريج خراب ٿيڻ تي ڪمپني سان رابطو ڪيو ويو ته ان لاڳاپيل دڪان کي پنهنجو مجاز ڊيلر مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. شهري ڊيلر جي خراب پراڊڪٽ جي وڪري، ذهني اذيت ۽ مالي نقصان جي ازالي لاءِ ڪمپني ۽ ڊيلر کان 35 لک رپين هرجاڻي جي ادائيگي جو مطالبو ڪيو آهي. وڪيل موقف اختيار ڪيو ته صارفين کي گمراهه ڪرڻ ۽ وارنٽي فراهم نه ڪرڻ غير قانوني قدم آهي. ڪنزيومر ڪورٽ ڌرين کي ايندڙ ٻڌڻي تي لکت ۾ جواب جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي.

**بقايا** *** 10

ميڊيا تي رياست مخالف مواد جي تشهير جي ڪيس ۾ فرد جرم لاڳو ڪرڻ لاءِ 20 نومبر جي تاريخ مقرر ڪري ڇڏي آهي. ٻڌڻي جي موقعي تي اقرار الحسن پنهنجي وڪيلن سميت عدالت ۾ پيش ٿيو. عدالت جوابدار کي ڪيس جون نقلون فراهم ڪري ڇڏيون ۽ ايندڙ ٻڌڻي تي حاضري يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي، جڏهن ته جوڊيشل مئجسٽريٽ اوڀر عدالت اڳ ئي نيشنل سائبر ڪرائيم انويسٽيگيشن ايجنسي (اين سي سي آءِ اي) جي عبوري چالان کي حتمي قرار ڏئي چڪي آهي. اقرار الحسن خلاف سوشل ميڊيا تي رياست مخالف مواد جي تشهير جو ڪيس اين سي سي آءِ اي داخل ڪري رکيو آهي، جڏهن ته هو ڪيس ۾ ضمانت تي آهي.

**بقايا** *** 11

جاري آهي. جڏهن ته احتجاج ڪندڙن جو چوڻ آهي ته مسلسل احتجاج باوجود يونيورسٽي انتظاميه سندن مطالبا ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي. بلوچ اسٽوڊنٽ ايڪشن ڪميٽي ڪراچي يونيورسٽي جي اڳواڻ شبير بلوچ ايس پي پاليسي خلاف جاري ڌرڻي کي خطاب ڪندي چيو ته 50 ڪلاڪن کان وڌيڪ وقت گذرڻ باوجود ايڊمن بلاڪ اڳيان احتجاج جاري رهيو آهي، پر انتظاميا سندن ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي. هن واضح ڪيو ته مطالبن جي منظوري تائين احتجاج جاري رهندو. موقعي تي پشتون اسٽوڊنٽ ڪائونسل ڪراچي يونيورسٽي جي سينيئر وائيس پريزيڊنٽ ۽ ٻين به خطاب ڪندي ايس پي پاليسي خلاف پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو. ٻئي پاسي ڪراچي بار ايسوسيئيشن به يونيورسٽي آف ڪراچي جي داخلا پاليسي ۽ علائقائي بنيادن تي شاگردن سان ٿيندڙ امتيازي سلوڪ جي سخت مذمت ڪندي داخلا وارو عمل مڪمل طور ميرٽ جي بنياد تي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو.

**بقايا** *** 12

تعاون ۽ مضبوط بڻائڻ لاءِ گڏيل ۽ عملي قدم کڻڻ. هن چيو ته موجوده عالمي معاشي ۽ جاگرافيائي سياسي چئلينجز جي روشني ۾ اسلامي ملڪن وچ ۾ اقتصادي يڪجهتي ۽ پاليسين جي هم آهنگي ضروري آهي. هن اها ڳالهه استنبول ۾ اقتصادي ۽ واپاري تعاون جي اسٽينڊنگ ڪميٽي (ڪامسيڪ) جي 42 هين وزارتي اجلاس جي پهرئين وزارتي سيشن کي او آءِ سي جي ميمبر ملڪن جي نمائندگي ڪندي خطاب ڪندي چئي. اجلاس جي صدارت ترڪيءَ جي نائب صدر جودت يلماز ڪئي. وفاقي وزير جام ڪمال خان چيو ته او آءِ سي ملڪ قدرتي وسيلن، جاگرافيائي اهميت ۽ انساني سرمائي جي اعتبار سان وسيع معاشي صلاحيت رکن ٿا، جنهن کي موثر حصيداري ۽ جامع پاليسين ذريعي گڏيل خوشحالي ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو. هن واپار ۾ اضافي کي اهم قرار ڏيندي چيو ته خاص ڪري ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروباري ادارن کي مالي سهولتن جي حاصلات ۾ ڏکيا ضابطا، ڪڙيون ضمانتون، تيزي ۽ وڌيڪ خرچن جهڙا مسئلا درپيش آهن. هن ڏس ۾ واپاري ۽ مالياتي ادارن ۾ تنوع، ايڪسپورٽ قرضن جي ضمانت، اسلامي مالياتي نظام کي هٿي ڏيڻ ۽ ڊجيٽل واپاري سهولتن کي سگهه ڏيڻ جي ضرورت آهي. جام ڪمال خان ڪسٽمز ۽ بندرگاهي نظام کي ڊجيٽل طور تي جامع ڪرڻ، اليڪٽرانڪ واپاري دستاويزن ۽ ون ونڊو پليٽ فارمز جي استعمال تي زور ڀريندي چيو ته انهن قدمن سان خرچ گهٽ ۽ سرحد پار واپار آسان بڻائي سگهجي ٿو. هن عورتن ۽ نوجوانن جي ڪاروباري ادارن سميت ايس ايم اي ايز لاءِ خصوصي مالياتي سهولتن، ڪريڊٽ گارنٽي، فني معاونت ۽ عالمي مارڪيٽن تائين رسائي بهتر بڻائڻ جي ضرورت تي به زور ڀريو. وفاقي وزير چيو ته او آءِ سي ملڪن وچ ۾ زرعي تحقيق، ٽيڪنالاجي جي منتقلي، غذائي تحفظ، پائيدار سياحت، ٽرانسپورٽ رابطن ۽ غربت جي خاتمي جي شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ گهرجي. هن نجي شعبي کي سيڙپڪاري، صنعتي ترقي، جدت ۽ روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ ۾ اهم حصيدار قرار ڏنو. فلسطين جي مسئلي تي خيالن جو اظهار ڪندي جام ڪمال خان فلسطيني عوام جي حق خود اراديت ۽ سندن جائز حقن جي جدوجهد لاءِ او آءِ سي ملڪن جي پختي حمايت جو ورجاءُ ڪيو. هن غزه ۾ اسرائيلي جارحيت ۽ انساني بحران تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي الاقصيٰ ۽ بيت المقدس جي تاريخي ۽ قانوني حيثيت کي متاثر ڪندڙ قدمن ۽ غير قانوني اسرائيلي وسندين جي توسيع جي مذمت ڪئي. هن عالمي برادري تي زور ڀريو ته فلسطين ۾ ڀڄڪڙن جو فوري خاتمو ۽ گڏيل قومن جي لاڳاپيل قراردادن تي مڪمل عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي، جيئن فلسطين مسئلي جو منصفاڻو، پائيدار ۽ جامع حل ممڪن ٿي سگهي. وفاقي وزير چيو ته ڪامسيڪ جي 42 هين اجلاس جي ڪاميابي جو اصل معيار ان جي فيصلن ۽ سفارشن تي موثر عملدرآمد هوندو. هن او آءِ سي ميمبر ملڪن تي زور ڀريو ته هو گڏيل واعدن کي عملي قدمن ۾ تبديل ڪن. هن ترڪيءَ جي حڪومت ۽ عوام جي بهترين ميزباني تي ٿورا ادا ڪندي اميد ظاهر ڪئي ته ڪامسيڪ جو 43 هون اجلاس اسلامي ملڪن وچ ۾ اقتصادي تعاون کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو.

**بقايا** *** 13

پاڪستان جي چيئرمين آغا رحيم جعفري سميت ٻه ڄڻا زخمي ٿي پيا. تفصيل موجب ايڊووڪيٽ ماجد علي پائيو ۽ آغا رحيم جعفري مجلس ۾ شرڪت کانپوءِ گاڏي ۾ واپس اچي رهيا هئا ته ڪلفٽن پارسي ڪالوني ويجهو اڻڄاتل ماڻهن سندن گاڏي کي نشانو بڻايو. فائرنگ ڪري گاڏي جا شيشا ٽٽي پيا، جن جا ٽڪرا لڳڻ سبب آغا رحيم جعفري معمولي زخمي ٿي پيو، جڏهن ته هڪ ٻيو شخص به زخمي ٿيو. پوليس موجب واقعي ۾ ايڊووڪيٽ ماجد علي پائيو محفوظ رهيو. واقعي جي اطلاع ملندي ئي پوليس موقعي تي پهچي وئي ۽ زخمين کي ويجهي نجي اسپتال منتقل ڪيو ويو. پوليس وڌيڪ ٻڌايو ته جاءِ وقوع تان 30 بور پسٽل جا چار خول هٿ ڪري ورتا آهن. ڪرائيم سين يونٽ شاهديون گڏ ڪيون، جڏهن ته آس پاس لڳل سي سي ٽي وي ڪيمرائن جي فوٽيج به حاصل ڪئي پئي وڃي. پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي جي مختلف پهلوئن کان جاچ جاري آهي ۽ فائرنگ ۾ ملوث ملزمن جي ڳولا ڪئي پئي وڃي.

**بقايا** *** 14

ٿو ڪري سگهي. ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته سنڌ وطن هٿن مان وڃي رهيو آهي، ماڻهن کي غيرت جو مظاهرو ڪندي گڏ بيهڻ گهرجي. جيڪڏهن وڙهي نٿا سگهو ته گهٽ ۾ گهٽ تاڙيون وڄايو ۽ نعرا هڻو، جيئن ته کين پنهنجي شهر ۾ داخل ٿيڻ کان روڪڻ جي ڪنهن جي به طاقت ناهي. سندس چوڻ هو ته سنڌ ڪنهن بيواهن، يتيمن يا ڦرلٽ جي مال ملڪيت ناهي، پر 7 ڪروڙ انسانن جو تاريخي وطن آهي.

**بقايا** *** 15

وڙها رويا ٿي، صوبي ۾ امن جي بحالي لاءِ سڀني کي گڏ ويهي غور ڪرڻو پوندو. بلوچستان بار ڪائونسل جي عشائيي کي خطاب ڪندي جسٽس جمال خان مندوخيل چيو ته هن پنهنجي پيشيوراڻي ڪيريئر ۾ جيڪي خدمتون سرانجام ڏنيون، اهي سندس ذميواري ۽ فرض هو. هن چيو ته اڄ اسان کي ڪوئيٽا ايندي احتياط ڪرڻ جو مشورو ڏنو وڃي ٿو، جڏهن ته هڪ وقت هو جو اسان بغير ڪنهن محافظ جي گهمندا ٿي هليا ويندا هئاسين. صوبو هن صورتحال تائين ڪيئن پهتو، ان تي غور ڪرڻ گهرجي. جسٽس جمال مندوخيل جو چوڻ هو ته بلوچستان جي ترقيءَ کي بهتر بڻائڻ صرف حڪومت جي ذميواري ناهي، پر هر شهري کي ان جي سببن تي غور ڪرڻو پوندو. صوبي ۾ ماضي جهڙا حالات ڇو ٺيڪ نه ٿي سگهيا، گڏ ويهي سوچڻو پوندو. هن چيو ته اسان کي اڄ پنهنجي لاءِ ڪجهه ڪرڻو پوندو، امن هوندو ته ڪاروبار هلندو ۽ ماڻهو عدالتن ۾ اچي سگهندا. جسٽس جمال مندوخيل سانحي سول اسپتال جو ذڪر ڪندي چيو ته هو ان سانحي کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهي.

**بقايا** *** 16

5 سيڪڙو گهٽتائي جو اعلان ڪري ڇڏيو. صدر آل پاڪستان گڊز ٽرانسپورٽ اتحاد ملڪ شهزاد اعوان پنهنجي بيان ۾ چيو ته گڏيل ڇڪن جي پنجن ڏينهن دوران پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي سان ڀاڙن ۾ گهٽتائي جو فيصلو ڪيو ويو آهي. هن وزيراعظم ۽ وفاقي وزير پيٽروليم جو شڪريو ادا ڪندي مطالبو ڪيو ته ٽرانسپورٽ شعبي کي وڌيڪ رليف ڏيڻ لاءِ پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ وڌيڪ گهٽتائي ڪئي وڃي. ياد رهي ته پيٽرول جي قيمت ۾ 9 رپيا 41 پيسا في ليٽر گهٽتائي ڪري ڇڏي وئي آهي، جنهن کانپوءِ پيٽرول جي نئين قيمت 352 رپيا 59 پيسا مقرر ڪئي وئي آهي. ڊيزل جي قيمت ۾ به 5 رپيا 56 پيسا في ليٽر گهٽتائي ڪري ڇڏي وئي، جنهن کانپوءِ ڊيزل جي نئين قيمت 382 رپيا 25 پيسا مقرر ڪئي وئي آهي.

**بقايا** *** 17

۽ ويٽرنري ڪمپليڪس جي تعمير ۽ بحالي بابت اهم اجلاس منعقد ٿيو. اجلاس ۾ سيڪريٽري لائيو اسٽاڪ اينڊ فشريز سنڌ ڊاڪٽر ڪاظم حسين جتوئي، ورلڊ بئنڪ جي پروگرام ڪوآرڊينيٽر ڊاڪٽر نذير حسين ڪلهوڙو ۽ (SLADP) جي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ڊاڪٽر جاويد ميمڻ، جڏهن ته سول ورڪس ڊيزائن ۽ سپروائيزري ڪنسلٽنٽ M/S G3 انجنيئرنگ ورڪس جا نمائندا پڻ موجود هئا. اجلاس دوران صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي ڪنسلٽنٽ فرم پاران منصوبي تي اڳڀرائي جو تفصيلي جائزو ورتو ۽ ضلعي سطح تي ويٽرنري ڪمپليڪس جي تعمير لاءِ پيش ڪيل ڊيزائن تي غور ڪيو. صوبائي وزير ويٽرنري ڪمپليڪس جي ڊيزائن، ساحلي پٽي ۾ ويٽرنري ايمرجنسي سينٽرن جي قيام ۽ مختلف ويٽرنري يونٽن جي بحالي ۽ SLADP منصوبي تحت نون يونٽن جي تعميراتي ڊيزائن کي حتمي شڪل ڏني وئي. ان موقعي تي صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي لاڳاپيل اختيارين ۽ ڪنسلٽنٽ فرم کي هدايتون ڏنيون ته منصوبي جا سمورا معاملا طئي ٿيل معيار ۽ رٿيل پلان موجب اڳتي وڌايا وڃن.

**بقايا** *** 18

بجلي گهرن سان گڏ ٻين صنعتي شعبن کي به مقامي ڪوئلو فراهم ڪرڻ ممڪن ٿي سگهندو. هڪ بيان ۾ سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪوئلي کي صنعتي استعمال لاءِ وڌيڪ موزون بڻائڻ جو رٿا شروع ڪئي وئي آهي، جڏهن ته ڪوئلي کي قومي ريلوي نيٽ ورڪ سان ڳنڍڻ واري منصوبي جو 68 سيڪڙو ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي. هن واضح ڪيو ته ٻين صنعتي خريدارن کي ڪوئلي جي وڪري سان لاڳاپيل خرچ بجلي استعمال ڪندڙن تي منتقل نه ڪيا ويندا. هن چيو ته مقامي ڪوئلي مان ڪول گيسيفڪيشن، ميٿانول ۽ مختلف ڪيميائي شين جي تياري ۽ سيڙپڪاري جا موقعا موجود آهن. ڪوئلي کي رڳو ٻارڻ بدران وڌيڪ ڪارائتو خام مال طور استعمال ڪرڻ جي رٿ تي ڪم ڪيو پيو وڃي، جنهن سان نيون صنعتي سرگرميون شروع ٿينديون ۽ سيڙپڪاري کي هٿي ملي سگهي ٿي. سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ٿر جي قدرتي وسيلن کي جديد ٽيڪنالاجي ۽ ضروري بنيادي ڍانچي ذريعي ملڪ جي صنعتي ترقيءَ لاءِ ڪتب آندو ويندو. مقامي وسيلن جي بهتر استعمال سان نه رڳو توانائيءَ جي تحفظ کي هٿي ملندي، پر ملڪ جي معاشي خودمختياري لاءِ به نوان موقعا پيدا ٿيندا.

**بقايا** *** 19

ڪرائيندي چيو آهي ته کيس هيٽيز رفتاري زماني سڪاري ڏني آهي. ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه دوران هڪ صحافي سوال ڪيو ته "اڄ توهان وزيراعظم شهباز شريف به عوامي سطح تي توهان جي ڪم ڪرڻ جي تيزرفتاري جو باضابطه اعتراف ڪيو آهي، توهان جي تيز رفتاري آخر ڪٿان سکي؟" صحافي جي هن دلچسپ سوال تي وفاقي وزير مسڪرائي پيو ۽ جواب ڏيندي چيو ته "هي تيز رفتاري مون کي زماني سڪاري ڏني آهي."

**بقايا** *** 20

ي قوت کي ٽي ڊي اي پي جو حصو بڻايو وڃي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل پريس رليز موجب اهو فيصلو وزيراعظم جي صدارت ۾ اسلام آباد ۾ منعقد ٿيل هڪ اعليٰ سطحي اجلاس ۾ ڪيو ويو. اجلاس کي خطاب ڪندي وزيراعظم چيو ته برآمدات ۾ اضافي جي لاءِ صنعتن ۽ تيار ڪندڙن جي عالمي منڊي تائين پهچ وڏي اهميت رکي ٿي. ٽي ڊي اي پي ان لاءِ رستو هموار ڪري ٿو. وزيراعظم هدايت ڪئي ته سٺي تربيت يافته افرادي قوت کي شفاف طريقي سان ميرٽ تي ٽي ڊي اي پي جو حصو بڻايو وڃي. هن چيو ته سڌارا تڏهن ئي ممڪن آهن جڏهن ادارن ۾ ترقي هدفن جي حصول ۽ ڪارڪردگي سان مشروط هجي. وزيراعظم هدايت ڪئي ته اداري جي ڪارڪردگي جي آڊٽ لاءِ سٺي شهرت رکندڙ نجي آڊٽ فرم جون خدمتون حاصل ڪيون وڃن. وزيراعظم کي ٻڌايو ويو ته پاڪستان جو جاگرافيائي مقام واپار لاءِ تمام گهڻو موزون آهي. برآمدات ۾ اضافي جي لاءِ صنعتن ۽ ننڍن ۽ وچولي درجي جي ڪاروبار کي سهولتون فراهم ڪري رهيا آهيون. ٽريڊ ڊيولپمينٽ اٿارٽي آف پاڪستان (ٽي ڊي اي پي) جي ادارتي ڍانچي بابت بريفنگ ڏني وئي. بريفنگ ۾ ٽي ڊي اي پي جي موجوده نظام ۾ چئلينجز جي باري ۾ آگاهه ڪيو ويو. عالمي سطح تي موثر واپاري پروموشن جي ادارن جو تقابلي جائزو پيش ڪيو ويو ته جديد ادارا مقامي منڊين جي ترقي، عالمي منڊين تائين پهچ، واپارين جي مدد ۽ برآمدات ۾ اضافي جي فروغ ۾ جامع خدمتون فراهم ڪن ٿا. بريفنگ ۾ ٽي ڊي اي پي کي جديد تقاضن سان هم آهنگ عالمي معيار جي واپاري فروغ واري اداري ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ سڌارا پڻ پيش ڪيا ويا. ان ۾ ٽي ڊي اي پي جي بنيادي ڍانچي کي محدود ڪرڻ، بورڊ ۽ انتظامي ڍانچي جي نئين سر جوڙجڪ، علائقائي نيٽ ورڪ کي موثر بڻائڻ، ڊجيٽل پليٽ فارم ۽ مصنوعي ذهانت جو استعمال، ڪارڪردگي جانچڻ جي سرشتي ۾ بهتري ۽ جوابدهي جو نظام متعارف ڪرائڻ شامل آهن. تجويز ڪيل سڌارن تي عملدرآمد لاءِ منظوري، ڊيزائن، عملدرآمد ۽ ڪارڪردگي جو مرحليوار منصوبو پڻ پيش ڪيو ويو. وزيراعظم سڌارن کي ايندڙ سال جي وچ تائين مڪمل ڪري عملي جامو پهرائڻ کي يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي. اجلاس ۾ وفاقي وزيرن راڻا تنوير حسين، جام ڪمال خان، احد خان چيمه، محمد اورنگزيب، عطاءُ الله تارڙ، شزه فاطمه خواجه، ڊاڪٽر مصدق ملڪ، وزيراعظم جي صلاحڪار هارون اختر، مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني ۽ لاڳاپيل اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي.

**بقايا** *** 21

خان جي صحت بابت مليل اطلاع حوصلا افزا نه آهن، جنهن سبب سڄي قوم ۾ ڳڻتي پکڙيل آهي. اسلام آباد ۾ پارليامينٽ هائوس ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته خان صاحب جي صحت بابت ڪجهه خبرون ضرور مليون آهن. روزاني جنگ موجب پي ٽي آءِ چيئرمين گوهر علي خان چيو ته سپريم ڪورٽ ۾ 18 آگسٽ جي عدالتي حڪم تي عملدرآمد لاءِ درخواست داخل ڪئي وئي آهي. عدالت ماهر ڊاڪٽرن کان معائنو ڪرائڻ ۽ علاج ڪرائڻ جي هدايت ڪئي هئي. عمران خان جي علاج لاءِ ميڊيڪل بورڊ جوڙڻ جو حڪم پڻ ڏنو ويو هو. جڏهن ته سپريم ڪورٽ کان ڪيس جي جلد ٻڌڻي مقرر ڪرڻ جي درخواست ڪئي وئي آهي. بيرسٽر گوهر چيو ته عمران خان جي صحت تي ڪو به ٽڪراءُ نه ٿيڻ گهرجي، ملڪ ۾ سياسي ڇڪتاڻ وڌيڪ نه وڌڻ گهرجي ۽ هاڻي اهو سلسلو ختم ٿيڻ گهرجي. عمران خان کي اسپتال منتقل ڪرڻ ۽ سندس علاج بابت فيصلا ڪيا وڃن. هن وڌيڪ چيو ته عمران خان جون ڀينرون جيل ٻاهران آهن، اڃا تائين سندن ٻارن کي ڪا به ڄاڻ ناهي ملي، کين فوري طور آزاد ڪيو وڃي.

**بقايا** *** 22

ڪرڻ بابت کيس ڪنهن به قسم جي ڄاڻ ناهي. ڪوئيٽا ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي جعفر مندوخيل چيو ته گورنر راڄ جو معاملو اسلام آباد ۾ اختيار رکندڙ ماڻهن جي هٿ ۾ آهي. جڏهن ته بلوچستان ۾ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ بابت کيس ڪا به ڄاڻ نه آهي. هن چيو ته بلوچستان ۾ امن امان جي صورتحال ٺيڪ ناهي. اڄ گورنر جي حيثيت ۾ هو ڪيترين ئي ڳالهين تي ڪجهه ٿو ڪري سگهي، جڏهن ته گورنر راڄ کانپوءِ ڳالهين تي ڪيتري طرح پنهنجو تبصرو ڪندو.

**بقايا** *** 23

ته واشنگٽن کي جلد فيصلو ڪرڻو پوندو ته ايران خلاف وڌيڪ قدم کنيا وڃن يا ڪنهن امڪاني معاهدي جي منظوري ڏني وڃي. وائيٽ هائوس ۾ صحافين سان ڳالهائيندي ڊونلڊ ٽرمپ چيو ته ايران جن تجويزن تي غور ڪري رهيو آهي، انهن جا تفصيل اهم ناهن، ڇاڪاڻ ته ايران وٽ جوهري هٿيار نه هوندا. هن دعويٰ ڪئي ته تهران واشنگٽن جي شرطن کانسواءِ ڪو قدم نه کڻندو. ٽرمپ چيو ته هو نٿو چاهي ته ايران جي باقي بچيل صلاحيتن کي تباهه ڪيو وڃي. ٽرمپ جي دعويٰ موجب، آمريڪا ايران ۾ ست مهينا اڳ مداخلت شروع ڪئي ۽ ان کانپوءِ انهن سمورن معاملن تي ڪنٽرول حاصل ڪري ورتو آهي، جن تي هو ڪنٽرول ڪرڻ چاهي ٿو. هن وڌيڪ چيو ته جلد خبر پئجي ويندي ته آمريڪا ايران بابت ڪهڙو فيصلو ڪري ٿو.

**بقايا** *** 24

ڀرپور انداز ۾ جاري آهي. نيشنل ايمرجنسي آپريشنز سينٽر (اين اي او سي) موجب مهم جي پهرين 4 ڏينهن ۾ 2 ڪروڙ 21 لک کان به وڌيڪ ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارا ويا آهن. اين اي او سي موجب 8 نومبر تائين جاري رهندڙ مهم دوران سڄي ملڪ ۾ پنجن سالن کان گهٽ عمر جي 2 ڪروڙ 40 لک ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. مهم ۾ 2 لک کان وڌيڪ پوليو ورڪرز خدمتون انجام ڏئي رهيا آهن. پاڪستان ۽ افغانستان ۾ پوليو جي خاتمي جي مهم هڪ ئي وقت جاري آهي. اين اي او سي خبردار ڪيو آهي ته سڄي ملڪ ۾ پوليو وائرس جو خطرو برقرار آهي. پوليو هڪ لاعلاج مرض آهي، جنهن کان بچاءُ رڳو ويڪسين ذريعي ئي ممڪن آهي. پوليو مهم جي پهرين 4 ڏينهن دوران پنجاب جي 13 ضلعن ۾ 85 لک 35 هزار ٻارن، خيبرپختونخوا جي 27 ضلعن ۾ 44 لک 29 هزار کان وڌيڪ، جڏهن ته بلوچستان جي 31 ضلعن ۾ 20 لک 8 هزار کان وڌيڪ ٻارن جي ويڪسينيشن مڪمل ڪئي وئي آهي. ان ئي طرح اسلام آباد ۾ 4 لک 50 هزار کان وڌيڪ، گلگت بلتستان جي ٽن چونڊ ضلعن ۾ هڪ لک 60 هزار، جڏهن ته آزاد جمون ڪشمير جي 2 چونڊيل ضلعن ۾ هڪ لک 92 هزار ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارا ويا آهن.

**بقايا** *** 25

۽ 2025ع ۾ وڌي 135 ارب 10 ڪروڙ ڊالر تائين پهچي ويو آهي. عالمي بئنڪ جي انٽرنيشنل ڊيٽ رپورٽ 2026 موجب، 2015ع ۾ پاڪستان جو پرڏيهي قرض 68 ارب 67 ڪروڙ 30 لک ڊالر هو، جيڪو 2025ع ۾ وڌي 135 ارب 10 ڪروڙ 70 لک ڊالر تي پهچي ويو آهي.

**بقايا** *** 26

وفدن کي عالمي معيار جون پروٽوڪول سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ جديد اسٽيٽ لائونج جي تعمير جو سنگ بنياد رکيو ويو آهي. پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي (پي اي اي) موجب وفاقي وزير خواجه محمد آصف هڪ پروقار تقريب ۾ نئين اسٽيٽ لائونج جو سنگ بنياد رکيو ۽ يادگاري تختي جي نقاب ڪشائي ڪئي. ان موقعي تي دفاع واري وزير ايئرپورٽ تي شجرڪاري مهم تحت ٻوٽو پڻ لڳايو. تقريب ۾ دفاع واري سيڪريٽري ليفٽيننٽ جنرل (ر) محمد علي ۽ ڊائريڪٽر جنرل پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي ايئر وائس مارشل شاهد افضال سميت دفاع واري وزارت ۽ پي اي اي جي اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي. پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي جو چوڻ آهي ته نئون اسٽيٽ لائونج پاڪستان طرفان شنگهائي تعاون تنظيم (ايس سي او) جي سربراهي اجلاس 2027 جي تيارين جي سلسلي ۾ هڪ اهم اڳڀرائي آهي. هي منصوبو ملڪ جي هوائي اڏن تي مهمانوازي ۽ پروٽوڪول جي انفراسٽرڪچر کي جديد خطن تي استوار ڪرڻ جي قومي حڪمت عملي جو حصو آهي. پي اي اي موجب نئين اسٽيٽ لائونج جي تڪميل سان معزز مهمانن لاءِ سڪيورٽي، ڀرپور ۽ آرامده سهولتون فراهم ڪيون وينديون. سرڪاري وفدن ۽ ملڪي سربراهن کي عالمي معيار جي پروٽوڪول ۽ لائونج جون سهولتون ميسر اينديون، جنهن سان ايئرپورٽ تي رياستي مهمانوازي جا انتظام وڌيڪ موثر ۽ مستحڪم ٿيندا.

**بقايا** *** 27

۽ ڪورٽ ۾ درخواست جي ٻڌڻي دوران ڪي اليڪٽرڪ جو وڪيل پيش ٿيو. هن عدالت کي ٻڌايو ته اسد چيمبرز جي بجلي ٻئي فيڊر تي منتقل ڪري ڇڏي وئي آهي ۽ بجلي جي لوڊشيڊنگ ختم ڪرڻ جي يقين دهاني ڪرائي وئي آهي. درخواستگذار وڪيل موقف اختيار ڪيو ته منجهند 12 کان 2 وڳي ۽ شام 5 کان 6 وڳي 35 منٽ تائين بجلي جي بندش سبب سندن ڪم سخت متاثر ٿي رهيا آهن. ڪي اليڪٽرڪ جا ڪي به واجبات باقي ناهن، ان باوجود کين ذهني اذيت کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. درخواست ۾ وڌيڪ چيو ويو ته ڪي اليڪٽرڪ انتظاميه سان ڪيترائي ڀيرا رابطو ڪري گهربل معلومات به فراهم ڪيون ويون، البت ڪو به فرق نه پيو. نيپرا کي به صورتحال کان آگاهه ڪيو ويو، پر اتان به داد رسي نه ٿي سگهي. عدالت ڪي اليڪٽرڪ کي 13 نومبر تائين لکت ۾ رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي.

**بقايا** *** 28

۽ اختيارن جي حصول لاءِ جدوجهد جو عزم ڪيو هو ۽ عوامي خدمت جو سلسلو جاري رکيو ويو آهي. ناظم آباد ۾ سرڪاري اسڪول جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته اسان اڳ ئي واضح ڪري ڇڏيو هو ته اختيارن لاءِ وڙهنداسين ۽ فائل اڳتي نه وڌائينداسين. اسان جا دوست اسان جي ڪمن کان پريشان آهن ۽ روزانو پڇن ٿا ته اسان هي ڪم ڪيئن ڪري رهيا آهيون. هن چيو ته سرڪاري اسڪولن جو تصور تبديل ڪري ڇڏيو ويو آهي، جنهن سبب ماڻهو مجبورن نجي تعليمي ادارن ڏانهن رخ ڪن ٿا ۽ نجي اسڪولن ۾ به طبقاتي ورڇ موجود آهي. جتي صرف ڪجهه ماڻهو مهانگيون فيسون ادا ڪري معياري تعليم حاصل ڪري سگهن ٿا، جڏهن ته وچولو طبقو مشڪلاتن جو شڪار آهي. حافظ نعيم الرحمان چيو ته جماعت اسلامي سرڪاري اسڪولن کي بهتر بڻائڻ جو واعدو ڪيو هو ۽ ناظم آباد جو هي اسڪول ان جو ثبوت آهي.

**بقايا** *** 29

نسي هيلٿ سروسز هڪ معتبر ادارو آهي، جنهن جي هنگامي طبي سهولتن جو زمانو معترف آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن ايس آءِ اي ايڇ ايس جي دوري دوران سنڌ اسيمبلي جي ميمبر ۽ ايس آءِ اي ايڇ ايس جي بورڊ ميمبر محمد قاسم سومرو ۽ سي اي او لطف علي منگريو ۽ ايس آءِ اي ايڇ ايس جي ايگزيڪيوٽو ۽ آپريشنل ٽيم جي آفيسرن سان ڳالهائيندي ڪيو. ان موقعي تي سنڌ جي عورتن جي ترقي واري کاتي جو سيڪريٽري سيد ناصر عباس ۽ ٻيا آفيسر پڻ صوبائي وزير سان گڏ هئا. شاهينه شير علي چيو ته گهريلو تشدد جي واقعن مان متاثر عورتن لاءِ ريفرل نظام کي وڌيڪ موثر بڻائڻ ۽ ادارن رابطن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ٻنهي ادارن وچ ۾ مضبوط لاڳاپا انتهائي ضروري آهن، ته جيئن تشدد جي شڪار ڪنهن به عورت کي اڪيلو نه ڇڏيو وڃي ۽ کيس وقت سر مدد، تحفظ ۽ سهڪار فراهم ڪري سگهجي. ان کان اڳ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر محمد قاسم سومرو ۽ لطف علي منگريو صوبائي وزير شاهينه شير علي کي بريفنگ ڏيندي اداري پاران هر ممڪن تعاون جي خاطري ڪرائي. هنن چيو ته صوبي ۾ خدا نخواسته ڪنهن به هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ايس آءِ اي ايڇ ايس هر وقت تيار آهي، جڏهن ته عورتن جي فوري طبي امداد بابت پڻ ادارو پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. هنن وڌيڪ واضح ڪيو ته ويم (زچگي) کان اڳ سنڌ ماتحت اداري ريسڪيو 1122 جي ايمبولينس ذريعي عورتن کي اسپتال منتقل ڪرڻ دوران ٿيل زچگين ۾ ڪنهن به عورت جي فوتگي ناهي ٿي. سوين ڪيسن جي باوجود ريسڪيو 1122 جي ايمبولينس عملي جي ڪاوشن سان ايمبولينس ۾ ڊليوريون ٿيون، ليبرين نارمل ۽ صحتمند رهيون آهن، جيڪي اداري جي ساک کي وڌيڪ چمڪائن ٿيون.

**بقايا** *** 30

۾ ڳالهائيندي هن چيو آهي ته گورنر راڄ پنهنجن مقصدن جي حاصلات تائين جاري رهندو. ڀارت ۽ افغانستان جي مدد سان دهشتگردي جو ناسور هن وقت اتي پکڙجي رهيو آهي. ان شا الله دهشتگردي کي روڪڻ اهميت جو حامل آهي. سڀني کي ان لاءِ گڏ هلڻو پوندو، دهشتگردي خلاف ڪاميابي جي علاوه ٻيو ڪو آپشن ناهي. هن چيو ته وڙهڻ جو ڪو به نٿو چاهي، اختلاف راءِ آهي. مولانا فضل الرحمان جو جيڪڏهن گورنر راڄ تي اختلاف آهي ته هو اختلاف راءِ رکي سگهي ٿو، اختلاف راءِ جمهوري روين جو حصو آهي. ليگي اڳواڻ چيو ته اسان کي جي يو آءِ ف جي اختلاف جو احترام آهي ۽ انهن کي به هي حق حاصل آهي، جڏهن توهان وٽ ثبوت نه هجن ته اهڙا الزام نه لڳائڻ گهرجن جو ڪنهن جي ساک خراب ٿئي. هن چيو ته هن وٽ ثبوت ناهن.

**بقايا** *** 31

ت چونڊون وڙهڻ يا ڪجهه سرڪاري سهولتن مان لاڀ حاصل ڪرڻ کان روڪيندڙ قانون، پيدائش جي شرح ۾ تيزيءَ سان گهٽتائي سبب پنهنجو جواز وڃائي چڪا آهن. اهي ريمارڪس مهاراشٽرا جي رهواسي منگلا پير راڻو اينگلي جي اپيل منظور ڪندي ڏنا. پرڏيهي ميڊيا موجب، منگلا ڳوٺ ڪاوڙا جي سرپنچ چونڊجي آئي هئي، پر ٻن کان وڌيڪ ٻار هجڻ سبب رياستي قانون تحت سندس چونڊ کي ڪالعدم قرار ڏنو ويو هو. جسٽس پي ايس نرسيمها ۽ جسٽس آلوڪ آرادي تي ٻڌل سپريم ڪورٽ جي ٻه رڪني بئنچ منگلا اينگلي کي ٻيهر سرپنچ جي عهدي تي بحال ڪرڻ جو حڪم ڏنو. عدالت چيو ته ٻن کان وڌيڪ ٻارن وارن والدين تي پابندي لاڳو ڪندڙ قانون هاڻي پنهنجو بنياد وڃائي چڪا آهن. فيصلي ۾ چيو ويو ته انهن قانونن جو بنياد آباديءَ ۾ بي پناهه واڌ جي خدشي تي رکيو ويو هو، پر گذريل ڪجهه ڏهاڪن دوران آباديءَ جي رجحانن ۾ وڏي تبديلي اچي چڪي آهي. عدالت موجب، هاڻي اهي قانون شهرين کي هڪ غيرضروري چونڊ تي مجبور ڪن ٿا ته يا جمهوري عمل ۾ حصو وٺن يا خانداني رٿابندي ڪن. ڪورٽ جو چوڻ هو ته ڪنهن شخص کي ڪيترا ٻار ڄڻڻ گهرجن، اهو بنيادي طور ذاتي ۽ خانگي معاملو آهي ۽ عام حالتن ۾ رياست کي ان حوالي سان دٻاءُ نه وجهڻ گهرجي. سپريم ڪورٽ 2003 ۾ جاري پنهنجي فيصلي تي نظرثاني لاءِ معاملو وڏي بئنچ ڏانهن موڪلڻ جي سفارش به ڪئي، جنهن ۾ ٻن ٻارن جي حد بابت قانونن کي آئيني قرار ڏنو ويو هو. جسٽس نرسيمها نشاندهي ڪئي ته 2003 ۾ ڀارت ۾ پيدائش جي شرح 3.02 هئي، جيڪا هاڻي گهٽجي 1.9 تي پهچي وئي آهي. سندس چوڻ هو ته آباديءَ کي موجوده سطح تي برقرار رکڻ لاءِ پيدائش جي شرح 2.1 هجڻ ضروري سمجهي ويندي آهي، ڀارت ان سطح کان به هيٺ اچي چڪو آهي. عدالت موجب، جيتوڻيڪ ڀارت جي مجموعي آباديءَ ۾ اڃا گهٽتائي شروع ناهي ٿي، پر پيدائش جي شرح ۾ مسلسل گهٽتائي مستقبل ۾ آباديءَ جي جوڙجڪ تبديل ڪري سگهي ٿي، جنهن سان وڏي عمر وارن ماڻهن جو انگ وڌڻ ۽ ڪم ڪندڙ آبادي گهٽجڻ جو خدشو آهي. فيصلي ۾ ٻڌايو ويو ته 2014ع ۾ ڀارت جي 60 سالن يا ان کان وڌيڪ عمر وارن ماڻهن جو آباديءَ ۾ حصو 8.3 سيڪڙو هو، جيڪو 2024ع ۾ وڌي 9.7 سيڪڙو ٿي ويو. ڀارتي حڪومت جي اندازن موجب، 2036ع تائين اهو انگ 15 سيڪڙو تائين پهچي سگهي ٿو. سپريم ڪورٽ چيو ته آباديءَ تي ضابطو آڻڻ لاءِ ٺاهيل قانون بدلجندڙ سماجي ۽ آباديءَ جي حالتن ۾ پنهنجي اهميت وڃائي چڪا آهن. عدالت موجب، اهو پراڻو تصور به تبديل ٿي رهيو آهي ته وڌيڪ آبادي لازمي طور ترقيءَ جي راهه ۾ رنڊڪ بڻجي ٿي. هاڻي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته آباديءَ ۾ واڌ جي ناڪاري پهلوئن بدران متوازن ۽ صحتمند آباديءَ جي واڌ کي هٿي ڏني وڃي.

**بقايا** *** 32

اينٽي نارڪوٽڪس فورس (اي اين ايف) جي پورٽ ڪنٽرول يونٽ ڪراچي گيٽ وي ڪنٽينر ٽرمينل تي شاندار ۽ وڏي ڪارروائي ڪندي جاپان اسمگل ڪئي ويندڙ ڪروڙين رپين جي منشيات هٿ ڪري هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو. ترجمان اي اين ايف ٻڌايو ته منشيات جي کيپ ٽماٽو ڪيچپ ۽ چلي گارلڪ ساس جي پائوچز ۾ لڪايل هئي. پاڪستان کان جاپان جي شهر ٽوڪيو موڪليو ويندڙ ڪنٽينر جي شڪي ڪنٽينر طور نشاندهي کانپوءِ جڏهن ان جي تفصيلي تلاشي ورتي وئي ته کاڌي پيتي جي شين جي هيٺان ڪان آئيس (ميٿمفيٽامائن) هٿ آئي. ڪنٽينر مان مجموعي طور تي 662 ڪلوگرام ميٿمفيٽامائن هٿ آئي. هي منشيات مائع حالت ۾ ملاوٽ ٿيل هئي، جنهن کي 4 ڪلو 800 گرام جي مخصوص پائوچز ۾ لڪايو ويو هو. ڪنسائنمينٽ 'پاڪ نيشنل انجنيئرنگ ڪمپني' جي نالي تي بڪ ڪرائي وئي هئي، جڏهن ته جاپان ۾ ان جو وصول ڪندڙ 'ورلڊ ٽيٽ ڪمپني' کي ظاهر ڪيو ويو. اي اين ايف موقعي تان جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو. گرفتار جوابدار، هٿ آيل منشيات ۽ سمورا لاڳاپيل دستاويز قانوني ڪارروائي ۽ جاچ لاءِ اي اين ايف ٿاڻي ڪلفٽن منتقل ڪري ڇڏيا آهن.

**بقايا** *** 33

الجامعه پروفيسر ڊاڪٽر ضابطه خان شنواري جي اصولي موقف کي درست مڃيندي قرار ڏنو آهي ته ڪنهن مخصوص مد لاءِ مختص فنڊ ٻي مد ۾ استعمال نٿا ڪري سگهجن. عدالت معاملي جي جامع ۽ منصفاڻي جائزي لاءِ حڪومت پاڪستان، وزارت تعليم ۽ هائر ايجوڪيشن ڪميشن (ايڇ اي سي) کي به ڪيس ۾ ڌر بڻائڻ جي هدايت ڪئي. ڪيس نمبر 2026/1286 جي ٻڌڻي دوران عدالت مالي معاملن ۾ قاعدن ۽ ضابطن جي پابندي، مالي نظم و ضبط ۽ شفافيت جي اهميت کي اجاگر ڪيو. وفاقي اردو يونيورسٽي طرفان شيخ الجامعه پروفيسر ڊاڪٽر ضابطه خان شنواري، رجسٽرار پروفيسر ڊاڪٽر سيد عنايت علي شاهه، انچارج ليگل سيڪشن ظفر غوري ۽ خزانچي محمد دانش احسان عدالت ۾ پيش ٿيا ۽ ڪيس ۾ معاونت ڪئي. يونيورسٽي انتظاميه موجب عدالت طرفان اختيار ڪيل اصولي موقف کي تسليم ڪرڻ، اداري جي مالي معاملن کي قانوني تقاضن موجب هلائڻ ۽ مختص فنڊن جي شفاف استعمال حوالي سان اهم اڳڀرائي آهي. هن موقعي تي شيخ الجامعه پروفيسر ڊاڪٽر ضابطه خان شنواري عدالتي اڳڀرائي تي اطمينان جو اظهار ڪندي چيو ته وفاقي اردو يونيورسٽي کي قانون ۽ مالي قاعدن ۽ ضابطن موجب هلائڻ سندس اولين ترجيح آهي. ڪنهن به مد لاءِ مختص رقم کي ان جي مقرر مقصد کان علاوه استعمال نه ڪرڻ گهرجي، ڇو ته مالي وسيلن جو درست ۽ شفاف استعمال تعليمي اداري جي ترقي ۽ استحڪام لاءِ بنيادي اهميت رکي ٿو. وڌيڪ چيو ته يونيورسٽي جي استادن، آفيسرن، ملازمن ۽ شاگردن جي حقن ۽ مفادن جو تحفظ ۽ اداري جي مالي ۽ انتظامي معاملن ۾ شفافيت يقيني بڻائڻ سندس ترجيحن ۾ شامل آهي.

**بقايا** *** 34

چيو ته ثبوت نه هجن ته الزام نه لڳائڻ گهرجن، الزامن تي اسان جي حڪومت ختم ڪري ڇڏي وئي. نجي ٽي وي جي پروگرام ۾ هن چيو ته اسان موجود آهيون، پارلياماني ڪميٽين ۾ اسان کي وڃڻ گهرجي. شوڪت يوسفزئي چيو ته پي ٽي آءِ کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، ڪير ڪنهن کي ساٿ ڏيڻ آيا آهن، ڪهڙي ڪاٽي ۾ روڊن جو افتتاح ڪري رهيا آهن؟ سمجهڻ گهرجي ته سياسي اسپيس ڪونه ڏنو ويو آهي. اسان سڀني خلاف ٽي ايم او سميت ٻيا ڪيس آهن. هاءِ ڪورٽ جي ججن کي اسان جا ڪيس ٻڌڻ کان روڪي ڇڏيو ويو آهي. هي افسوس جوڳو آهي. شوڪت يوسفزئي چيو ته ملاقات ٿيڻ سٺي ڳالهه آهي، باني پي ٽي آءِ جي ڪيس بابت مشاورت ڪئي ويندي آهي. پي ٽي آءِ کي پنهنجي لاءِ رستو ڳولڻو پوندو، سياسي اسپيس جي ڳالهه ڪجي ته اهو ٿوري ملندي آهي. پي ٽي آءِ جا گهڻا اڳواڻ جيلن ۾ آهن، جيڪي رهجي ويا آهن انهن خلاف به ڪيس آهن. اسان مولانا فضل الرحمان کي ڪنٽينر تي اچڻ جي دعوت ڏني هئي، لڳي اهو رهيو آهي ته حڪومت ۽ جي يو آءِ ف جي ڪا ڊيل آهي. تلخيون ٿينديون رهنديون، حڪومت کي سياسي عمل جاري رکڻ ڏيڻ گهرجي، اسان کي سياسي عمل کان ٻاهر نه ڪيو وڃي.

**بقايا** *** 35

ٽي اي جي درخواست تي ميٽا ري سائيڪل موبائل نمبرن تي فعال هڪ لک 76 هزار واٽس ايپ اڪائونٽس بند ڪري ڇڏيا. پي ٽي اي عملدارن موجب غير فعال ۽ منسوخ نمبرن تي واٽس ايپ ذريعي سائبر فراڊ جون شڪايتون سامهون آيون هيون. ٽيلي ڪام آپريٽرز وٽ هڪ ڪروڙ 60 لک ري سائيڪل نمبر موجود آهن، جن مان پي ٽي اي هڪ ڪروڙ نمبرن جا تفصيل ميٽا کي موڪليا هئا. پي ٽي اي ۽ ميٽا وچ ۾ غير فعال نمبرن تي واٽس ايپ اڪائونٽس بند ڪرڻ جو طريقيڪار طئي ٿي ويو آهي، جنهن تحت هر مهيني 5 هزار ري سائيڪل نمبر ميٽا کي موڪليا ويندا ۽ انهن تي موجود اڪائونٽس مرحليوار بند ڪيا ويندا. پي ٽي اي عملدارن موجب گذريل سال مليل شڪايتن مان ميٽا 82 سيڪڙو حل ڪيون.

### بقايا عوامي سوچ 01

ي تهوار ديوالي جي موقعي تي گورنمينٽ ايليمينٽري اسڪول ڪريم آباد ۾ هڪ پروقار تقريب ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ اسڪول جي هندو شاگردن ۽ شاگردياڻين وڏي عقيدت، احترام ۽ خوشيءَ سان پنهنجو مذهبي تهوار ملهايو. تقريب دوران شاگردن ۾ خوشيءَ جي لهر ڇانيل رهي ۽ اسڪول جو ماحول محبت، پائيچاري ۽ مذهبي رواداري جي رنگن سان مهڪي اٿيو. تقريب ۾ سماجي اڳواڻ ڊاڪٽر چمن لال جيوالي، پاڪستان پيپلز پارٽي منارٽي ونگ جي اڳواڻ ڏئيا رام ٺاڪر، پ ٽ الف ضلعي صدر مشتاق وگهامل، پ ٽ الف سٽي جنرل سيڪريٽري غلام حسين ڪاٽيار، اسڪول جي هيڊ ماستر عارف قريشي ۽ سنيل ڪمار شرڪت ڪري خطاب ڪيو. ان موقعي تي اڳواڻن پنهنجي خطاب ۾ چيو ته پاڪستان جي آئين تحت ملڪ ۾ رهندڙ سڀني مذهبن جي ماڻهن کي برابر جا حق حاصل آهن. سنڌ ڌرتيءَ جي سڃاڻپ محبت، امن، پائيچاري ۽ مذهبي رواداري آهي. اسان سنڌ ۾ رهندڙ هندو برادريءَ جي خوشين ۽ غمن ۾ برابر جا شريڪ آهيون ۽ هڪ ٻئي جا تهوار گڏجي ملهائڻ ئي سنڌ جي اصل ثقافت ۽ روايت آهي. هنن وڌيڪ چيو ته گورنمينٽ ايليمينٽري اسڪول ڪريم آباد کي اهو اعزاز حاصل آهي ته اسڪول انتظاميا هر سال هندو شاگردن ۽ شاگردياڻين جي مان ۾ سندن مذهبي تهوارن جي مناسبت سان تقريبون منعقد ڪري ٿي، جنهن جو مقصد ٻارن ۾ برابري، برداشت، مذهبي احترام ۽ گڏيل محبت جو جذبو پيدا ڪرڻ آهي. جيئن ڪين اهو احساس ڏياريو وڃي ته اسان سڀ برابر جا شهري آهيون ۽ اسان جي وچ ۾ مذهب جي بنياد تي ڪوبه فرق يا متيپد ناهي. هنن چيو ته ديوالي خوشين، روشني، اميد ۽ نئين شروعات جو تهوار آهي، جيڪو اونداهيءَ تي روشنيءَ جي فتح جو پيغام ڏئي ٿو. اهڙيون تقريبون نه رڳو شاگردن جي خوشين ۾ اضافو ڪن ٿيون، پر نئين نسل ۾ محبت، يڪجهتي ۽ مذهبي هم آهنگيءَ کي پڻ هٿي ڏين ٿيون. تقريب جي پڄاڻيءَ تي هندو شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ديوالي جون مبارڪون ڏنيون ويون ۽ ملڪ توڙي سنڌ ۾ امن، خوشحالي، محبت ۽ پائيچاري لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ويو. هندو شاگردن شاگردياڻين ۾ مٺائي ورهائي وئي

### بقايا عوامي سوچ 02

خلاف دلبر مهر ٽاٽي تي ڦر جو ڪيس داخل ٿيڻ خلاف برادري جي سوين ماڻهن ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي آفيسن آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري انصاف جو مطالبو ڪيو. ان موقعي تي مظاهرين ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام هنيو ته قاسم درس نالي بااثر زميندار، جيڪو سندن پاڙيسري زميندار پڻ آهي، مال کي پاڻي پيئارڻ لاءِ نلڪي ذريعي واٽر ڪورس مان تلاءَ ۾ پاڻي ڇوڙ ڪري رهيو هو. جنهن تي اعتراض ڪرڻ بعد هو ايريگيشن ڪاتي جي آفيسرن کي بار بار واقعي واري هنڌ وٺي وڃي دانهيندو رهيو. مظاهرين موجب بعد ۾ مبينا ملي ڀڳت ذريعي مري برادري جي ٻن نوجوانن خلاف دلبر مهر ٽاٽي تي ڦر جو ڪيس داخل ڪرايو ويو، جيڪو سراسر ناانصافي آهي. هنن چيو ته پاڻي جي معاملي تان پيدا ٿيل تڪرار کي ڦر جو رنگ ڏئي ٻن نوجوانن کي بيگناهه ڪيس ۾ ڦاسايو ويو آهي. احتجاج ۾ اسماعيل خان مري پڻ شرڪت ڪري برادري سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو. مظاهرين ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي ميرپورخاص کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ بيگناهه نوجوانن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

### بقايا عوامي سوچ 03

ڊنڊ ڪناري ڪنيو مياڻ، مولدي مياڻ، پراڻي گهنڊڙي مياڻ، ڳوٺ بکر ماڇي، ڳوٺ حاجي ڏنو منڇري، ڳوٺ حاجي علي بخش منڇري، ڳوٺ حميد منڇري، ڪڏايون سميت ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ پاڻي داخل ٿي ويو آهي، جنهن ڪري ڳوٺاڻا سخت پريشان آهن. جڏهن ته سندن ڳوٺن جا رستا پڻ پاڻي هيٺ اچڻ ڪري ڳوٺاڻن جو گهرن کان ٻاهر نڪرڻ به مشڪل بڻجي ويو آهي، جن فورن پاڻي ڳوٺن مان نيڪال ڪرائي ڳوٺن کي محفوظ بچاءَ بند ڏياري پاڻي هيٺ آيل رستا پڻ بحال ڪري ڪين وڌيڪ پريشاني کان بچائڻ جي گهر ڪري ڇڏي آهي. ان سلسلي ۾ ڪينجهر ڊنڊ ۾ پاڻي جي سطح ۾ ٿيل واڌ سبب متاثر ٿيندڙ ڳوٺن ڳوٺ حاجي علي بخش منڇري، ڪڏايون، مولدي مياڻ، پراڻي گهنڊڙي مياڻ، حاجي ڏنو منڇري، ڪنيو مياڻ ۽ حاميد منڇري جي ڪيترن ئي متاثر رهواسين دانهيندي چيو آهي ته سندن ڳوٺن سميت ٻيا ڪيترائي ڳوٺ ڪينجهر ڊنڊ ۾ آيل پاڻي جي واڌ سبب پاڻي هيٺ اچڻ سميت سندن ڳوٺن جا رستا پڻ پاڻي ۾ ٻڏي ويا آهن. متاثر ڳوٺاڻن محمد خان منڇري، حاميد منڇري، خدا بخش منڇري، منهاج حسين، رياض پالاري ۽ ڪليم الله پالاري چيو ته سندن ڳوٺ اڌ صدي کان وڌيڪ عرصي کان ساڳئي هنڌ تي آباد آهن. پر هن سال پاڻي جي غير معمولي واڌ سبب سندن گهرن، زمينن توڙي رستن ۾ گوڏي جيڏو پاڻي بيهجي ويو آهي، جنهن ڪري ٻارڙن سميت رهواسي کي اڄ وچ ۾ سخت مشڪلاتون پيش اچي رهيون آهن. متاثر ڳوٺاڻن چونڊيل نمائندن توڙي ضلعي انتظاميه ٺٽو کان گهر ڪئي ته فورن نوٽيس وٺي سندن ڳوٺن ۾ داخل ٿيل پاڻي جو نيڪال ڪرائي سندن ڳوٺن کي پاڻي کان بچاءَ خاطر محفوظ بچاءَ بند ڏياري سندن رستي کي پڻ پاڻي کان محفوظ بڻائي ڪين رليف مهيا ڪيو وڃي، جيئن هو پريشاني کان بچي سگهن.

### بقايا عوامي سوچ 04

صي طور شرڪت ڪئي. امير جماعت اسلامي ضلعي ٺٽي جي امير عبدالله آدم گندرو جي صدارت ۾ منعقد ڪيل ضلعي شوريٰ جي اجلاس ۾ مشاورت بعد جماعت اسلامي ضلعي ٺٽي جي نئين باڊي جوڙي وئي، جنهن جو ضلعي ٺٽي لاءِ جنرل سيڪريٽري عبدالحميد شورو، نائب امراء ضلعو ٺٽو مولانا عطاء الرحمن بلوچ، عبدالمجيد سمون، غلام شفيع سمون، ڊپٽي سيڪريٽريز محرم خاصخيلي، غلام حيدر شورو، حماد راجپوت، غلام اڪبر بجورو، صدر جي آئي يوٿ ضلعو ٺٽو سمير ميمڻ، ناظم بيت المال اسد الله سمون، معاون ناظم بيت المال احسن خان، ناظم نشر و اشاعت شير محمد سمون، معاون ناظم نشر و اشاعت محبوب مشتاق، ضلعي سوشل ميڊيا انچارج يونس ناهيو کي چونڊيو ويو. ان موقعي تي اميد ظاهر ڪئي وئي ته سمورا چونڊيل عهديدار جماعت جي دستور، نصب العين ۽ دعوتي ۽ تنظيمي سرگرمين کي اڳتي وڌائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندا رهندا.

### بقايا عوامي سوچ 05

ٻاران قرآن پاڪ مڪمل ڪرڻ تي سندن مٿي تي پڳون ٻڌايون ويون. تقريب مولانا سيد محمد هاشم شاهه جي سرپرستي ۾ منعقد ٿي، جنهن ۾ مولانا صبغت الله جوکي، مولانا محمد سليم چانڊيو، مولانا احمد سومرو، مولانا خان محمد پناڻ، مفتي علي محمد قاضي ۽ مولانا ابراهيم قاضي خصوصي شرڪت ڪئي. دستاربندي ڪندڙ شاگردن ۾ زبير بن عالم شاهه، عذير بن رياض شاهه، نذير بن سليم شيخ، عبدالغفور جاکرو، شهزاد بن نواز شاهه، فرحان بن غوث علي شاهه ۽ گل محمد شيخ شامل آهن. ان موقعي تي عالمن خطاب ڪندي چيو ته قرآن پاڪ جي تعليم حاصل ڪرڻ ۽ ديني علم کي عام ڪرڻ وڏي سعادت آهي. والدين کي گهرجي ته پنهنجي ٻارن کي ديني تعليم سان گڏ سٺي تربيت پڻ ڏين. تقريب جي پڄاڻي تي شاگردن ۽ نياڻين جي روشن مستقبل، ڪاميابي ۽ ملڪ جي سلامتي لاءِ خصوصي دعائون گهريون ويون

### بقايا عوامي سوچ 06

زخمي حالت ۾ گرفتار ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو جي هدايتن تي ڏوهاري عنصرن خلاف ڪارروايون جو سلسلو جاري آهي. ايس ايڇ او ٿاڻو ٺٽو انسپيڪٽر رياض حسين سومرو پنهنجي عملي سميت گشت دوران ٿاڻي ٺٽو جي حدن ۾ بگهاڙ موري لنڪ روڊ، ريدار گولائي وٽ پوليس ۽ جوابدارن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ دوران هڪ جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو. گرفتار زخمي جوابدار جي سڃاڻپ سڪندر عرف سڪو ولد قاسم ملاح، رهواسي آمري اسٽاپ ٺٽو طور ٿي آهي. ابتدائي جاچ موجب زخمي حالت ۾ گرفتار جوابدار ٿاڻو ٺٽو سميت ٻين علائقن ۾ پوليس جي فرضن ۾ مداخلت، ڦر ۽ موٽرسائيڪل ۽ موبائل فونون ڦرڻ جهڙين ڪيترين ئي ڏوهي وارداتن ۾ ملوث آهي. جوابدار جي قبضي مان ڏوهن ۾ استعمال ٿيندڙ پستول ۽ تاريخ 4 نومبر 2026ع تي ڪچي آبادي ٺٽو مان فريادي اعجاز علي شاهه کان ڦر ڪيل موٽرسائيڪل پڻ هٿ ڪئي وئي آهي، جنهن جو ڪيس اڳ ۾ ئي داخل ٿيل آهي. زخمي جوابدار جو وڌيڪ مڪمل ڏوهاري رڪارڊ چيڪ ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته فرار ٿيل سندس ساٿي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ پوليس جا ڇاپا جاري آهن. گرفتار زخمي جوابدار کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. وڌيڪ جاچ جاري آهي. جوابدار سڪندر عرف سڪو ولد قاسم ملاح، رهواسي آمري اسٽاپ ٺٽو جو ڏوهاري رڪارڊ ايف آءِ آر نمبر 286/2024، قلم 398، 324، 353، 401 پي پي سي، ٿاڻو ٺٽو ايف آءِ آر نمبر 272/2026، قلم 3، 4، 8 گٽڪا ايڪٽ، ٿاڻو ٺٽو ايف آءِ آر نمبر 419/2026، قلم 392، 397 پي پي سي، ٿاڻو ٺٽو. ايس ايس پي ٺٽو پاران بهترين ڪارروائي ڪرڻ تي پوليس ٽيم کي شاباس ڏيڻ سان گڏ تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي

### بقايا عوامي سوچ 07

پاڳت جي هدايت تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون عمران الحق جي صدارت هيٺ ضلعي ۾ جاري پوليو مهم جي چوٿين ۽ آخري ڏينهن جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺڻ لاءِ گڏيل ڏينهن دير سان شام جو دربار هال ڊپٽي ڪمشنر آفيس مڪلي ۾ اهم اجلاس منعقد ٿيو. اجلاس ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر سيد صفدر علي شاهه ، اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپور ساڪرو نبي بخش سولنگي ، اسسٽنٽ ڪمشنر گهوڙاٻاري سورٺ مظهر ، اسسٽنٽ ڪمشنر ٺٽو شاڪر فهيم ، اين اسٽاپ آفيسر ڊاڪٽر حسن نثار مهر سميت صحت ، تعليم ، پوليس ، سوشل ويلفيئر ، لوڪل گورنمينٽ ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن کان علاوه مرف، پي پي ايڇ آءِ، ڊبليو ايڇ او ۽ مختلف اين جي اوز جي نمائندن شرڪت ڪئي. اجلاس دوران پوليو مهم جي ٽئين ۽ چوٿين ڏينهن جي ڪارڪردگي ، ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ جي ڪوريج ، فيلڊ ۾ پيش ايندڙ معاملن ۽ مهم تي عملدرآمد جي صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون عمران الحق پوليو مهم دوران اسسٽنٽ ڪمشنر ، ڊسٽرڪٽ هيلٿ مئنيجمينٽ ٽيم ۽ ڊسٽرڪٽ ايمرجنسي آپريشن سينٽر جي ڪوششن کي ساراهيندي چيو ته سمورن لاڳاپيل ادارن جون گڏيل ڪوششون قابلِ تحسين آهن. هن هدايت ڪئي ته مهم دوران سامهون ايندڙ مسئلن ۽ حاصل ٿيندڙ تجربن کي باقاعده رڪارڊ ڪيو وڃي ته جيئن ايندڙ پوليو مهم لاءِ وڌيڪ بهتر ۽ اثرائتي رٿابندي ڪري سگهجي. هن مهم جي پڄاڻي تي جامع تجزياتي رپورٽ تيار ڪري پيش ڪرڻ تي پڻ زور ڏنو ته جيئن ڊسمبر ۾ ٿيندڙ قومي انسدادِ پوليو مهم لاءِ بهتر حڪمت عملي ۽ انتظامن کي حتمي شڪل ڏئي سگهجي.

### بقايا عوامي سوچ 08

عظيم باريچو خلاف پوليس جي مبينا ڪارروائي، چادر ۽ چارديواري جو تقدس پامال ڪرڻ، بلاجواز گرفتاري ۽ عورتن جي تذليل آميزورتاءَ واري واقعي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو.احتجاج ڪندڙ صحافين واقعي تي سخت ڳڻتي ۽ افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته صحافين ۽ سندن خاندانن سان ڪنهن به قسم جي مبينا زيادتي، قانون کان هٽي ڪري ڪارروائي ۽ بنيادي انساني حقن جي خلاف ورزي ڪنهن به صورت ۾ قابلِ قبول نه آهي. صحافي برادري مطالبو ڪيو ته جاٽايل واقعي جي شفاف، غيرجانبدار ۽ اعليٰ سطحي جاچ ڪرائي وڃي ۽ قانون جي ڀڃڪڙي ۽ اختيارن جي ناجائز استعمال ڪندڙ پوليس اهلڪارن جي خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. مظاهرين وڌيڪ چيو ته صحافين کي آزادي ۽ بي خوف ماحول ۾ پنهنجون صحافتي ذميواريون نڀائڻ جو حق حاصل آهي. تنهن ڪري سندن ۽ سندن خاندانن جي عزت، تحفظ ۽ بنيادي حقن کي يقيني بڻايو وڃي.احتجاج ڪندڙن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ متاثر صحافي پائرن سان قانون ۽ انصاف جي تقاضائن موجب انصاف ڪيو وڃي.

### بقايا عوامي سوچ 09

سسٽنٽ ڪمشنر ميرپور ماٿيلو جو آشيرواد حاصل هجڻ سبب بااثر قبضه مافيا جي ڪارندن پاران شهر جي قيمتي پلاٽن ۽ سرڪاري گهٽين تي هٿيارن جي زور تي قبضا ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي ان سلسلي ۾ گزريل ڏينهن شاهه فيصل ڪالوني ميرپور ماٿيلو جي رهواسين سڪيو خان شر جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو.ان موقعي تي سڪيو خان شر ۽ ٻين جو چوڻ هو ته اسان گزريل چاليهن سالن کان شاهه فيصل ڪالوني ۾ رهائش پزير آهيون جيڪا نيشنل هاءِ وي باءِ پاس ڪان اسان جي گهرن ۽ مدرسي مسجد ڏانهن گهٽي وڃي ٿي ان گهٽي کي بااثر مشتاق ماڪو ۽ نديم نالي شخص هٿيارن جي زور تي ديوار ڪڍي مڪمل طور تي بند ڪري گهٽي تي قبضو ڪري ورتو آهي جنهن سبب ٻارڙا مدرسي وڃن کان قاصر بڻيل آهن هنن چيو ته اسان اهڙي قسم جي دانهن علائقي جي چونڊيل نمائندن تائين پهچائي آهي پر چونڊيل نمائندي جي منشي معروف لنڊ ۽ ضلعي انتظاميه جو چوڻ آهي ته اسان قبضه مافيا آڏو بيوس آهيون هنن مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته فوري طور تي نوٽس وٺي گهٽي تان قبضو ختم ڪرايو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

### بقايا عوامي سوچ 10

ي مسوواهه ۾ ڇوڙ ٿيڻ سبب زميني جر ڪارو بڻجي ويو زميني جر زهريلو ٿي وڃن سبب سوين ماڻهون گڙدن جي بيماري ۾ مبتلا ٿيڻ بعد موت جو ڪاچ بڻجي ويا ايف ايف سي انتظاميه مقامي ماڻهن کي صحت تعليم صاف پاڻي ميسر ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي توڙي جو گهوٽڪي ضلعي جا چونڊيل نمائندا شهرين وڪيل برادري جي سخت احتجاجن باوجود بيوس بڻيل تفصيل موجب ڊي سي آفيس گهوٽڪي سامهون قائم انساني زندگيون ڳڙڪائيندڙ صنعتي اداري ايف ايف سي مان زهريلو ڪيميڪل وارو پاڻي مسو واهه ۾ خارج ٿيڻ ۽ فيڪٽري مان نڪرندڙ دونهين تباهي مچائي ڇڏي آهي جنهن سبب ميرپور ماٿيلو ۽ آس پاس جي سمورن علائقن جو زميني جر زهريلو بڻجي ويو آهي جنهن سبب گزريل هڪ سال دوران سوين ماڻهون گڙدن جي بيماري ۾ مبتلا ٿيڻ بعد موت جو ڪاچ بڻجي ويا آهن جڏهن ته ڪيترائي ماڻهو گڙدن جي بيماري وڏي ڪنگ هيپا ٽائيٽس بي هيپا ٽائيٽس سي ڪاري ڪامڻ سميت مختلف موذي مرضن ۾ وڪوڙجي ويا آهن ان سلسلي ۾ گهوٽڪي ضلعي جي سياسي سماجي اڳواڻن اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته ايف بي سي مان خارج ٿيندڙ زهريلي پاڻي جو متبادل بندوبست نه هجڻ ڪري زهريلو پاڻي واهن ۽ شاخن ۾ ڇوڙ ڪرڻ سبب حيات پتافي، جروار، يارو لنڊ، ڍرڪي، سرحد، ميرپورماٿيلو، ڳوٺ ونگو، ڳوٺ بلوچ آباد، ڳوٺ سعيد خان چانڊيو، ڪوري ڪوهه، ڳوٺ ڪوڙو مهر، محمد بخش ڪوڪر، محمد عالم چانڊيو، قالو سيال، ڪروهي، صاحب خان لنڊ سميت سوين ڳوٺن جي جرجو پاڻي ڪارو بڻجي ويو آهي ڪيترن ئي سالن کان احتجاج ڪري ڪري ٿڪجي پيا آهيون پر هن وقت تائين ايف ايف سي انتظاميه قانون مطابق پنج ڪلوميٽرن تائين عوام کي صاف پاڻي تعليم صحت روڊ رستن سميت بنيادي سهولتون ڏيڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿيڻ بعد عدالتي حڪمن جي ابتڙ هلي رهي آهي هنن چيو ته هر سال ايف ايف سي انتظاميه عوام کي رليف فراهم ڪرڻ جون ڪوڙيون پريس ريليز جاري ڪري اربين روپين جي رائلٽي سي ايس آر فنڊ مال غنيمت سمجهي هڙپ ڪري وڃن ٿا پر هن وقت تائين چونڊيل نمائندن توڙي انساني حقن جي تنظيمن پاران اهڙي ظلم خلاف آواز اٿارڻ بجاءِ حصو پتي تائيم سان ملڻ ڪري خاموشي جو روزو رکي ڇڏيو آهي جنهن سبب عوام شديد مشڪلاتن جو شڪار ٿي وئي آهي هنن چيف آف آرمي اسٽاف، چيف جسٽس سپريم ڪورٽ آف پاڪستان، چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ ۽ سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته خدارا نوٽس وٺي صنعتي ادارن جي انتظاميا جو قبلو درست ڪري انساني جانيون بچايون وڃن ٻي صورت ۾ گهوٽڪي ضلعي جي هڪ ڀيرو ٻيهر احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

### بقايا عوامي سوچ 11

وڪيو ويو ان موقعي تي وڏي انگ ۾ سياسي، سماجي اڳواڻن ۽ شهرين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي مخدوم فخرالزمان چيو ته اسان جي پهرين ترجيح عوام کي صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ آهي. صحت جي حوالي سان اسان جون ڪوششون آهن ته عوام کي سندن درن تي صحت جهڙي بنيادي سهولت ملي سگهي . هن وڌيڪ چيو ته پيپلز پارٽي جي قيادت جو منشور ئي عوام جي خدمت آهي ۽ اوڏيرولال جي عوام کي صحت جون بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيو ويندو. ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ مئنيجر پي پي ايڇ آئي علي افضل وساڻ چيو ته هن وقت رورل هيلٿ سينٽر اوڏيرولال اسٽيشن ۾ صحت جي حوالي سان هر بنيادي سهولت سميت ڊليوري جي سهولت به 24 ڪلاڪ موجود آهي. عوام کي هاڻي ننڍين بيمارين لاءِ ٻين شهرن ڏانهن وڃڻو نه پوندو. موقعي تي ٽائون چيئرمين محمد قاسم ابڙو، پيپلز پارٽي تعلقه مٽياري جو صدر محمد يوسف چنو، جنرل سيڪريٽري عزت علي برهماڻي، يو سي چيئرمين اوڏيرولال اسٽيشن رئيس آصف چنو اڪبر پنو ۽ ٻيا ساڻس گڏ هئا.

### بقايا عوامي سوچ 12

جوان دلشير برفت جي قتل ڪانپوءِ ڄامشورو پوليس پاران باريجا صحافي پائرن جي گهرن تي چڙهائي، چادر ۽ چوديواري جو تقدس پامال ڪرڻ، گهرن کي مسمار ڪرڻ، ملڪيتن جي ڦرلٽ ۽ ناجائز گرفتارين خلاف صحافتي تنظيمن جي سڏ تي دادو ۾ ٻئي ڏينهن به احتجاجي سلسلو جاري رکندي دادو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو، حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس (ايڇ يو جي) ۽ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس (پي ايف يو جي) جي مرڪزي سڏ تي ايڇ يو جي ضلعي دادو، دادو پريس ڪلب، واپاري، ادبي، استاد، فنڪار ۽ سول سوسائٽي جي مختلف تنظيمن جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي ايڇ يو جي مرڪزي اڳواڻ ولي محمد لنڊ، ايڇ يو جي ضلعي دادو جي صدر گلڻ پنڊ، دادو پريس ڪلب جي صدر نظام شيخ، راجا ڪوريجو، ولي چانڊيو، سرور جلال سولنگي، الله بخش خشڪ، ڊاڪٽر آفتاب پنڊ، رضوان منگي، ديدار علي شيخ، منظور چانڊيو، علي گل چنا، جاويد احمد لغاري، سخي سردار چارڻ، وريام سنڌي، راجا رفيق پنهور، نديم شاهاڻي، ممتاز علي پنڊ، مختيار سومرو، سليم پنهور، ممتاز پنهور، قربان ڪوسو، نياز چانڊيو، آصف پنهور، ذوالفقار برڙو ۽ رفيق احمد چنه سميت ٻين اڳواڻن ڪئي، ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته صحافي عظيم باريجو تي عدالتي احاطي اندر ٿيل قاتلاڻي حملي ۽ نوجوان دلشير برفت جي قتل واري افسوسناڪ واقعي ڪانپوءِ ڄامشورو پوليس پاران باريجا صحافي پائرن جي گهرن تي چڙهائي ڪري چادر ۽ چوديواري جو تقدس پامال ڪرڻ، گهرن کي مسمار ڪرڻ، ملڪيتن جي ڦرلٽ ۽ گهرن ۾ موجود نياڻين جي تذليل ڪرڻ وارا مبينا عمل انتهائي ڳڻتي جوڳا آهن. جن جي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ٿيڻ گهرجي، هنن مطالبو ڪيو ته سڄي واقعي جي عدالتي جاچ ڪرائي وڃي، صحافي باريجا پائرن جي گهرن تي پوليس چڙهائي، ملڪيتن جي ڦرلٽ، نياڻين جي تذليل ۽ ناجائز گرفتارين ۾ ملوث اهلڪارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، جڏهن ته ملڪ هائوس جي دباءَ ۾ ڄامشورو ضلعي کي پوليس اسٽيٽ بڻائڻ جا الزام هڻندي اڳواڻن ايس ايس پي ڄامشورو کي فوري طور عهدي تان هٽائڻ جو پڻ مطالبو ڪيو. احتجاج ڪندڙ اڳواڻن پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، صوبائي گهرو وزير ضياءالحسن لنجار ۽ صوبائي وزير اطلاعات شرجيل انعام ميمڻ کي اپيل ڪئي ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي صحافين سان ٿيل مبينا زيادتين جو ازالو ڪيو وڃي ۽ صحافين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي، اڳواڻن وڌيڪ اعلان ڪيو ته صحافتي تنظيمن پاران شروع ڪيل احتجاجي جدوجهد جي پهرئين مرحلي جو سڀاڻي آخري ڏينهن هوندو، جنهن تي دادو سميت مختلف هنڌن تي ڀرپور احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا، جيستائين صحافين سان ٿيل زيادتين جو ازالو ۽ ذميوارن خلاف ڪارروائي نه ٿيندي، تيستائين صحافتي برادري جو آواز بلند رهندو

### بقايا عوامي سوچ 13

پيل، ياسر لاشاري، ببلو برفت، آصف چاچڙ، ميان شير سنڌي، محسن جتوئي سميت سمورن گم ٿيل شاگردن جي بازيابي لاءِ سنڌ سڀا طرفان دادو پريس ڪلب آڏو سخت نعريبازي ڪندي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو، ان موقعي تي ڪامريڊ منصور جمالي، علي جان زنئور، شمن انقلابي، شعيب جمالي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ مان ڪنيي گم ڪيل سمورن سياسي شاگردن کي فوري طور بازياب ڪرائي سندن وارثن ۾ پکڙيل بيچيني ختم ڪئي وڃي، هنن چيو ته سنڌ اندر پنهنجي بنيادي حقن ۽ سنڌ جي وسيلن بابت آواز اٿارڻ جرم ته ڏوهه بڻجي ويو آهي، جنهن سبب سنڌ جا هزارين نوجوان، شاگرد ۽ سياسي اڳواڻ گمشدگين جو شڪار آهن، هنن وڌيڪ چيو ته ڪيترن ئي گم ٿيل نوجوانن جا وارث سالن کان پنهنجن پيارن جي ڳولا ۾ احتجاج ڪري رهيا آهن. پر ڪين اڃا تائين ڪا به خاطري ۽ انصاف نه ملي سگهيو آهي، نوجوانن جي گمشدگي سبب سندن خاندان سخت ذهني اذيت ۽ پريشانيءَ ۾ مبتلا آهن، مظاهرين انساني حقن جي تنظيمن، حڪومت ۽ وس وارن اختيارين کان مطالبو ڪيو ته سنڌ مان جبري گم ڪيل سمورن نوجوانن ۽ شاگردن کي فوري طور بازياب ڪرائي وارثن جي بيچيني ختم ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو سلسلو جاري رکيو ويندو.

### بقايا عوامي سوچ 14

عورت فوت ٿي وئي، جڏهن ته معصوم ٻار سميت 2 ڄڻا زخمي ٿي پيا. علائقي واسين زخمين ۽ فوتي عورت کي دادو سول اسپتال جي ايمرجنسي شعبي ۾ پهچايو، جتي زخمن جا سور نه سهندي عورت فوت ٿي وئي. فوتي عورت جي سڃاڻپ زاهده زال خدابخش زنئور طور ٿي، جڏهن ته زخمين ۾ معصوم ٻار حسنين ۽ عاشيا زال احسان زنئور شامل آهن. هوڏانهن فوتي عورت جي وارثن وزير زنئور، فاروق زئور، ساجد، نديم ۽ ٻين دادو سول اسپتال ۾ ڪڪڙ پوليس جي مبينا غفلت خلاف احتجاج ڪندي دانهيو ته حادثي کي ٻه ڪلاڪ گذري وڃڻ باوجود فوتي عورت جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي، پر ڪڪڙ پوليس جو ڪوبه اهلڪار قانوني ڪارروائي لاءِ اسپتال نه پهتو آهي، وارثن جي احتجاج جو نوٽيس وٺندي ڊي ايس پي دادو اسپتال پهتو ۽ فوتي عورت جي وارثن سان ڳالهيون ڪيون، جنهن بعد ڪڪڙ جي ايس ايڇ او کي اسپتال گهرائي قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرائي فوتي عورت جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو، وارث لاش کڻي دادو پرسان ڳوٺ فتح محمد زنئور پهتا، جتي لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو، جڏهن ته حادثي ۾ زخمي ٿيل ٻنهي ڄڻن کي طبي امداد فراهم ڪرڻ بعد اسپتال مان ڊسچارج ڪيو ويو

### بقايا عوامي سوچ 15

سائين محمد سلطان چانڊيو پنهنجي شاندار ۽ يادگار تعليمي خدمتن جو سفر پورو ڪري باوقار انداز ۾ سروس مان رٽائرڊ ٿي ويا آهن محترم استاد سائين محمد سلطان چانڊيو پنهنجي پوري زندگي علم پکيڙڻ، شاگردن جي بهترين تربيت ڪرڻ ۽ سندن مستقبل سنوارڻ ۾ گذاري. هڪ شفيق، مهربان ۽ فرض شناس استاد طور سندس خدمتون تعليمه ميدان لاءِ هميشه ياد رکيون وينديون سندس رٽائرمنٽ جي موقعي تي همڪار استادن ۽ شاگردن پاران سائينءَ متان گلڙن جي ورکا ڪري ڪين شاندار آجياڻو پيش ڪيو ويو ۽ عقيدت سان رخصت ڪيو ويو ان موقعي تي گڏ ٿيل استادن، شاگردن ۽ علائقي واسين پاران استاد محترم سائين محمد سلطان چانڊيو لاءِ صحت، خوشين، سڪون ۽ وڏي عمر جون پرخلوص دعائون پڻ گهريون ويونبيشڪ سائين! توهان جون قيمتي خدمتون ۽ يادون هميشه اسان جي دلين ۾ زنده رهنديون!

### بقايا عوامي سوچ 16

زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي عمرڪوٽ ڪيمپس کي لاڳاپيل مالي مشڪلاتن ۽ تعليمي سرگرمين ۾ خلل جي حوالي سان ميڊيا رپورٽن جو سختي سان نوٽيس ورتو آهي. سنڌ حڪومت جي اولين ترجيح شاگردن جي تعليم جو تسلسل ۽ انهن جي مستقبل جو تحفظ آهي. هن چيو ته عمرڪوٽ، ٿرپارڪر، ميرپورخاص ۽ ڀرپاسي وارن ضلعن جا لڳ ڀڳ 1500 شاگرد عمرڪوٽ ڪيمپس ۾ تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. جيڪو 2017 ۾ وفاقي هائير ايجوڪيشن ڪميشن (HEC)جي مالي مدد سان قائم ڪيو ويو هو. ڪيمپس جي مڪمل ٿيڻ ۽ ترقي وفاقي HECپاران منظور ڪيل PSDP منصوبي تحت ٿيڻي هئي. جڏهن ته، وفاقي مالي مدد ۽ ترقياتي فنڊ جي معطلي جي ڪري، ڪيمپس سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ پگهارن جي عدم ادائيگي ۽ تعليمي سرگرمين متاثر ٿيون آهن. صوبائي وزير چيو ته پرو وائيس چانسلر مسلسل مالي بحران جي ڪري احتجاج طور استعيفيٰ ڏئي ڇڏي آهي. استعيفيٰ جي سمري ملي وئي آهي، جنهن تي سنڌ جو وڏو وزير قانون موجب فيصلو ڪندو. هن چيو ته وفاقي ايڇ اي سي ڪيمپس لاءِ 1,796.092 ملين روپين جي پي ايس ڊي پي پلان جي منظوري ڏني هئي، جنهن مان 625 ملين رپيا خرچ ڪيا ويا آهن. جڏهن ته مالي سال 2026_27 لاءِ مختص ڪيل 300 ملين رپيا اڃا تائين جاري نه ڪيا ويا آهن. محمد اسماعيل راهو چيو ته لڳ ڀڳ 1,500 شاگردن جي تعليمي مستقبل ۽ تدريسي عمل جي تسلسل کي يقيني بڻائڻ لاءِ، يونيورسٽي سنڌ حڪومت کان هر سال 200 ملين روپين ( 20 ڪروڙ رپيا) جي مالي مدد جي درخواست ڪئي آهي، جنهن تي صوبائي حڪومت مثبت غور ڪيو آهي. ان حوالي سان آخري فيصلو سنڌ جو وڏو وزير ڪندو. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت عمرڪوٽ پبلڪ اسڪول جي عمارت ۽ زمين کي يونيورسٽي کي مستقل طور تي الاٽ ڪرڻ جي منظوري ڏني آهي، جنهن سان ڊگهي عرصي کان هلندڙ زمين جو مسئلو حل ٿي ويو آهي. نومبر ۽ ڊسمبر 2026 جي امتحانن ۽ جنوري 2027 کان تدريسي سرگرمين جي تسلسل لاءِ STEVTA ووڪيشنل ٽريننگ سينٽر ( بوائز) عمرڪوٽ کي عارضي طور تي استعمال ڪرڻ جي تجويز پڻ غور هيٺ آهي. جڏهن ته مستقل ڪيمپس جي تعمير جو عمل شروع ڪيو پيو وڃي. صوبائي وزير چيو ته سنڌ حڪومت وفاقي حڪومت ۽ HECکان مطالبو ڪندي ته مالي سال 2026_27 لاءِ مختص ڪيل 300 ملين رپيا فوري طور تي جاري ڪيا وڃن ۽ منصوبي جي مڪمل ٿيڻ تائين وفاقي مالي امداد بحال ڪئي وڃي. هن واضح ڪيو ته سنڌ حڪومت شاگردن جي تعليمي مفادن جي تحفظ ۽ عمرڪوٽ ڪيمپس ۾ تعليمي سرگرمين جي تسلسل لاءِ ضروري قدم کڻندي. شاگردن کي مالي مسئلن جي سزا نه ڏني وڃي جيڪي انهن جي اختيار کان ٻاهر آهن

### بقايا عوامي سوچ 17

ي زرعي پاڻي جي فراهمي نه ٿيڻ ۽ پٿورو شهر ۾ پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي ۾ پيش ايندڙ مشڪلاتن جو نوٽيس ورتو آهي ۽ لاڳاپيل کاتن کي مسئلن جي حل لاءِ ضروري قدم کڻڻ جي هدايت پڻ ڪئي آهي. ان سلسلي ۾، وڊيو لنڪ ذريعي چيف سيڪريٽري سنڌ جي صدارت هيٺ ڪمشنر ميرپورخاص ڊويزن جي ڪميٽي هال ۾ هڪ اهم گڏجاڻي منعقد ٿي، جنهن ۾ هن پاڻ مقامي آبادگارن ۽ ماڻهن جا مسئلا ۽ شڪايتون ٻڌيون ۽ لاڳاپيل آفيسرن کي انهن جي حل لاءِ واضح هدايتون جاري ڪيون. گڏجاڻي ۾ ايڊيشنل ڪمشنر ون سياش چندر، ايڊيشنل ڪمشنر ٽو افشان شيخ، ڊپٽي ڪمشنر عمرڪوٽ اعجاز احمد جتوئي، پٿورو شهي جي آبادگارن جا نمائندا زاهد حسين نون، سپرنٽينڊنٽ انجنيئر پبلڪ هيلٿ علي رضا سيهڙو ، ايڪسن پبلڪ هيلٿ عمرڪوٽ محمد يوسف، ايڪسن منڙاو ڪينال خان محمد، ايڪسن ٽر ڊويزن اسدالله ميمڻ، چيف انجنيئر شهيد بينظير آباد سڪندر علي ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر ۽ پٿوري شهر پوچڙي جي آبادگار شرڪت ڪئي. ان موقعي تي چيف سيڪريٽري سنڌ سيد آصف حيدر شاهه پوچڙي جي آبادگارن جي مسئلن کي سنجيدگي سان ٻڌندي هدايت ڪئي ته زرعي پاڻي جي فراهمي ۾ لاڳاپيل رڪاوٽن جو جائزو ورتو وڃي ۽ گڏيل مشاورت ذريعي ان مسئلي کي حل ڪيو وڃي. هن واضح ڪيو ته پوچڙي جي آبادگارن جي شڪايتن جو ازالو ٿيڻ سان گڏوگڏ پٿورو شهر جي عوام کي پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي واري مسئلي جو حل لاڳاپيل کاتن جي ترجيحن ۾ شامل هجڻ گهرجي. چيف سيڪريٽري سنڌ وڌيڪ هدايت ڪئي ته پوچڙي جي آبادگارن کي زرعي پاڻي فراهم ڪرڻ لاءِ تعمير ٿيندڙ اسڪيم جو جائزو ورتو وڃي ۽ ان جي سڀني فني ۽ انتظامي پهلوئن جو جائزو وٺڻ کان پوءِ مناسب حل ڳوليو وڃي. هن چيو ته پوچڙي جي آبادگارن کي زرعي پاڻي ۽ پٿورو شهر جي ماڻهن کي پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪرڻ لاءِ مربوط ۽ اثرائتا قدم کنيا وڃن. چيف سيڪريٽري سنڌ لاڳاپيل آفيسرن تي زور ڏنو ته هو هن اهم عوامي مسئلي کي سنجيدگي سان وٺن ۽ انهن کي حل ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪن ته جيئن آبادگارن جي شڪايتن جو ازالو ٿيڻ سان گڏوگڏ پٿورو شهر جي شهرين کي پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي ممڪن بڻائي سگهجي.

### بقايا عوامي سوچ 18

ڪاتي جي سهڪار سان منعقد ڪيل ٻي سنڌ اسپيشل گيمز 2026ع سکر اسپورٽس ڪلب ۾ ڪاميابيءَ سان پڄاڻيءَ تي پهچي ويون. ٽن ڏينهن تائين جاري رهندڙ راندين جي مقابلن ۾ سنڌ جي مختلف ضلعن مان خصوصي صلاحيتن جا مالڪ 850 رانديگرن 13 مختلف راندين ۾ حصو ورتو. سنڌ اسپورٽس ڪاتي جي ترجمان موجب جي آر ايس آر سي وي آءِ سي سکر جنرل ٽرافي پنهنجي نالي ڪري پهرين پوزيشن حاصل ڪئي، جڏهن ته جي ايس آر سي گهوٽڪي ٻي ۽ جي ايس اي آر سي وي آءِ سي لاڙڪاڻو ٽين پوزيشن حاصل ڪئي. اختتامي تقريب جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ ۽ قومي تراني سان ڪئي وئي، جنهن ڪانپوءِ ڪامياب رانديگرن ۽ ٽيمن ۾ خاص مهمان سيڪريٽري راندين منور علي مهيسر ۽ چيئرمين ضلعي ڪائونسل سکر ڪميل حيدر شاهه ٽرافيون، ميڊل ۽ سرٽيفڪيٽ ورهايا. تقريب کي خطاب ڪندي چيئرمين ضلعي ڪائونسل سکر ڪميل حيدر شاهه چيو ته سنڌ حڪومت خصوصي صلاحيتن وارن ٻارن لاءِ راندين جا مقابلا منعقد ڪري اهو ثابت ڪيو آهي ته معاشري جي هر فرد کي راندين ۾ حصو وٺڻ جا هڪجهڙا موقعا ملڻ گهرجن. اهڙن مقابلن سان خصوصي ٻارن جي حوصلا افزائي ٿئي ٿي، سندن صلاحيتون اجاگر ٿين ٿيون ۽ ڪين اڳتي وڌڻ جا موقعا ملن ٿا. هن يقين ڏياريو ته خصوصي ٻارن جي ڀرپور حمايت ۽ حوصلاافزائي جاري رکي ويندي ۽ سکر ۾ مستقبل ۾ به اهڙا راندين جا مقابلا منعقد ڪيا ويندا. سيڪريٽري راندين منور علي مهيسر سنڌ اسپيشل گيمزجي شاندار انتظامن تي منتظمين کي مبارڪباد ڏيندي چيو ته سنڌ حڪومت خصوصي ماڻهن کي راندين جي ميدان ۾ موقعا فراهم ڪندي رهندي. هن ڪامياب رانديگرن کي پڻ مبارڪباد ڏني. سنڌ حڪومت جي ترجمان ۽ ميئر سکر بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ وڊيو لنڪ ذريعي خطاب ڪندي چيو ته سکر ۾ خصوصي ٻارن لاءِ شاندار راندين جو انعقاد ساراهه جوڳو عمل آهي، جنهن تي سمورا لاڳاپيل ڪاتا مبارڪباد جا مستحق آهن. سنڌ اسپيشل گيمز خصوصي ٻارن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۽ ڪين قومي سطح تي اڳتي وڌڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ جي هڪ اهم ڪوشش آهي. هن چيو ته خصوصي تعليم جا ادارا، استاد، انتظاميا ۽ لاڳاپيل تنظيمون خصوصي ٻارن جي خدمت ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن. انهن ادارن جي بهتري ۽ ترقي اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي. ارسلان اسلام شيخ ٻڌايو ته خصوصي تعليم جي اداري جي ترقي لاءِ وڏي وزير سنڌ سان رابطو ڪيو ويو آهي، جڏهن ته 12 ڪروڙ روپين جو ترقياتي پيڪيج پڻ منظور ڪيو ويو آهي. سکر ۾ خصوصي تعليم جي اسڪول کي وڌيڪ خوبصورت ۽ مثالي بڻائڻ لاءِ وڻڪاري، خوبصورتي وڌائڻ ۽ جديد لائٽنگ جا منصوبا ڪمشنر ۽ ضلعي انتظاميا گڏجي مڪمل ڪندا. هن وڌيڪ چيو ته خصوصي ٻارن لاءِ هڪ الڳ پارڪ قائم ڪرڻ جي تجويز تي پڻ ڪم ڪيو پيو وڃي ۽ اميد آهي ته ايندڙ ٻن کان ٽن مهينن اندر اسڪول جي بهتري ۽ مرمت جا عملي نتيجا سامهون ايندا. هن اهو پڻ ٻڌايو ته خصوصي ٻارن لاءِ هڪ شاندار فيملي تقريب منعقد ڪئي ويندي، جنهن ۾ سکر جي سمورن تعليمي ادارن جي ٻارن کي شرڪت جو موقعو ڏنو ويندو. هن چيو ته خصوصي ٻارن جي خدمت رڳو سرڪاري ذميواري نه پر هڪ عظيم انساني ۽ اخلاقي فرض پڻ آهي. پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايتن تي عمل ڪندي سنڌ حڪومت ۽ ضلعي انتظاميا خصوصي ٻارن جي ڀلائي، تعليم ۽ بهتر مستقبل لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندي. سنڌ اسپيشل گيمز دوران بلائنڊ ڪرڪيٽ، ويل چيئر ڪرڪيٽ، ويل چيئر ريس، رسه ڪشي، شطرنج، 100 ميٽر ڊوڙ، ٽيبل ٽينس، بيڊمنٽن، ٿرو بال، ايرو بال سميت مختلف راندين جا مقابلا منعقد ڪيا ويا. اختتامي تقريب ۾ ايڊيشنل سيڪريٽري ڊاڪٽر اسد اسحاق، سيڪشن آفيسر علي ڏنو گوپانگ، ڊائريڪٽر اسپيشل ايجوڪيشن سکر عبدالقادر ميمڻ، ڊائريڪٽر اسپورٽس سکر مير محمد ڪلهوڙو، ڊپٽي ڊائريڪٽر اسپورٽس اخلاق ميمڻ، ايونٽ فوڪل پرسن پروفيسر سيد رئيس حيدر، ڊائريڪٽر انفارميشن سکر غلام عباس گوراهو سميت مختلف لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

### بقايا عوامي سوچ 19

جاچ جو مطالبو ڪراچي آل پاڪستان باريجا اتحاد مراد ميمڻ ڳوٺ جي باريجا برادري پاران ڪونڙي جي صحافي عظيم باريجو، ڏٿي بخش باريجو ۽ اسماعيل باريجو جي حق ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. ان موقعي تي باريجا برادري جي اڳواڻن ۽ شرڪت ڪندڙن مطالبو ڪيو ته ڪونڙي ۾ باريجا ۽ برفت برادرين وچ ۾ پيش آيل جهيڙي واري واقعي جي شفاف عدالتي جاچ ڪرائي وڃي ۽ واقعي جي سمورن پاسن کي سامهون آندو وڃي. احتجاج ڪندڙن چيو ته صحافي عظيم باريجو تي ڄامشورو ڪورٽ جي احاطي ۾ قاتلاڻو حملو ٿيو، جنهن ۾ هو سخت زخمي ٿي پيو، جنهن بعد پوليس ڪيس لمس اسپتال منتقل ڪيو. هنن سوال اٿاريو ته جڏهن عظيم باريجو زخمي حالت ۾ پوليس جي تحويل ۾ هو ته پوءِ برفت برادري جي نوجوان جي قتل واري واقعي بابت حقيقتون واضح ٿيڻ گهرجن. هنن مطالبو ڪيو ته برفت نوجوان جي قتل واري واقعي جي شفاف جاچ ڪئي وڃي ۽ قتل ڪيس ۾ بيگناهه قرار ڏنل عظيم باريجو سان انصاف ڪيو وڃي. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته باريجا برادري پرامن برادري آهي، جڏهن ته سندن چوڻ موجب برادري جي گهرن تي قاتلاڻن حملن جي سازش هڪ نام نهاد سردار جي چرچ تي ڪئي وئي آهي. هنن ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ڄامشورو جي ڪردار تي پڻ سوال اٿاريندي الزام لڳايو ته اختيارين پنهنجو غيرجانبدار ڪردار ادا نه ڪيو آهي. احتجاج ڪندڙن سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي عدالتي جاچ ڪميشن مقرر ڪئي وڃي، جيئن حقيقتون سامهون اچي سگهن ۽ متاثرن کي انصاف ملي سگهي

### بقايا عوامي سوچ 20

، فوري رپورٽ اعليٰ اختيارين کي موڪلڻ جي هدايت ملير بن قاسم ٽائون جي مختلف علائقن ۾ سرڪاري پرائمري اسڪولن جي خسته حال عمارتن ۽ تعليمي ادارن کي درپيش مسئلن جو جائزو وٺڻ لاءِ ضلعي تعليمي آفيسر (ڊي اي او) پرائمري مير حسن لاشاري، ڊپٽي ڊي اي او امتياز نائچ سان گڏ 5 نومبر 2026ع تي هنگامي دورو ڪيو.تفصيل موجب ڊي اي او پرائمري مير حسن لاشاري ۽ ڊپٽي ڊي اي او امتياز نائچ بن قاسم ٽائون جي علائقن ڪوٽيهڙو گهگهر ۽ ڏابيجي ۾ قائم مختلف سرڪاري اسڪولن جو معائنو ڪيو. دوري دوران اسڪولن جي عمارتن جي موجوده صورتحال، بنيادي سهولتن ۽ شاگردن کي درپيش تعليمي مسئلن جو جائزو ورتو ويو. معائني دوران ڪجهه اسڪولن جي عمارتن جي خسته حالي سامهون اچڻ تي ڊي اي او پرائمري مير حسن لاشاري معاملي جو هنگامي بنيادن تي نوٽيس وٺندي لاڳاپيل عملدارن کي فوري رپورٽ تيار ڪري اعليٰ آفيسرن تائين پهچائڻ جون هدايتون جاري ڪيون. ته جيئن اسڪولن جي عمارتن جي بهتري ۽ ضروري مرمتي ڪمن لاءِ بروقت اپاءَ ورتا وڃن. ان موقعي تي پ ٽ الف بن قاسم ٽائون جو صدر اڪبر بلوچ ۽ گورنمينٽ پرائمري اسڪول ايم يوسف بلوچ جو هيڊ ماسٽر عيان بن حاڪم به ساڻن گڏ موجود هئا. تعليمي حلقن موجب سرڪاري اسڪولن جي عمارتن جي بهتري ۽ شاگردن کي محفوظ تعليمي ماحول فراهم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. خسته حال عمارتون نه رڳو تعليمي سرگرمين کي متاثر ڪن ٿيون پر ٻارن ۽ استادن جي سلامتي جي حوالي سان به ڳڻتي جو باعث بڻجي سگهن ٿيون. علائقي واسين ۽ والدين طرفان به اها اميد ظاهر ڪئي پئي وڃي ته تعليم ڪاتي جي آفيسرن جي هن دوري کان پوءِ معاملو رڳو رپورٽن تائين محدود نه رهندو پر اسڪولن جي عمارتن جي مرمت، بنيادي سهولتن جي فراهمي ۽ تعليمي ماحول جي بهتري لاءِ عملي قدم به کنيا ويندا. عوامي ۽ تعليمي حلقن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته بن قاسم ٽائون جي سمورن سرڪاري اسڪولن جو جامع سروي ڪرائي خسته حال عمارتن جي فوري مرمت ۽ ٻارن لاءِ محفوظ تعليمي ماحول يقيني بڻايو وڃي

### بقايا عوامي سوچ 21

عت ضلع سکر جي اڳواڻ ۽ پڙو مائينر جي چيئرمين جمشير احمد مگريو جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي آبادگارن جمشير منگريو،حضور بخش چاچڙ،فاروق احمد مگريو،عطاءالله ڊومڪي ۽ ٻين احتجاج ڪندي دانهيندي چيو ته پڙو مائينر جي ڪاتي لاءِ گهربل فنڊ فراهم نه ٿيڻ ۽ شاخ جي صفائي نه ڪرائڻ سبب پاڻي جي وهڪري ۾ رڪاوٽون پيدا ٿي رهيون آهن جنهن ڪري آبادگارن کي زرعي زمينن تائين پاڻي پهچائڻ ۾ سخت ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي هنن چيو ته ايريگيشن ڪاتي جي لاڳاپيل عملدارن پاران شاخ جي ڪاتي واري معاملي کي مسلسل نظرانداز ڪيو پيو وڃي جڏهن ته آبادگار پنهنجي مدد پاڻ تحت به ڪيترائي مسئلا حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا پر شاخ جي مڪمل ڪاتي ۽ صفائي لاءِ سرڪاري سطح تي قدمکڻ انتهائي ضروري آهن آبادگارن جو چوڻ هو ته اسان پنهنجي مدد پاڻ تحت لکين رپيا ڀري پڙو مائينر جي ڪاتي ڪرائي پر اسان وٽ ايتري آمدني نه هجڻ ڪري سموري شاخ جي ڪاتي ڪرائڻ کان قاصر آهيون جڏهن اسان وٽ ايسيلينٽر هلي پيو انجنيئر ۽ ايس ڊي او سائيڊ جي وزٽ تي آيا هيا جن صفائي واري عمل جي وڊيو رڪارڊ ڪري تصويرون پڻ ڪڍيون ۽ واعدو ڪيو هيو ته اوهان ڪاتي مڪمل ڪرايو جيئن بجيٽ ايندي ته اوهان کي ڪاتي جا پئسا ڏنا ويندا پر بجيٽ اچڻ بعد عملدار واعدي تان ڦري ويا احتجاج ڪندڙ آبادگارن جو چوڻ هو ته زرعي پاڻي آبادگارن جي معيشت جو بنياد آهي پر پڙو مائينر جي بروقت ڪاتي نه ٿيڻ سبب پاڻي جي فراهمي متاثر ٿي رهي آهي جنهن سان فصلن جي پوکائي ۽ زرعي پيداوار کي نقصان پهچڻ جو خدشو آهي هنن مطالبو ڪيو ته شاخ جي ڪاتي لاءِ رکيل رقم ۽ ان جي استعمال بابت به شفافيت يقيني بڻائي وڃي احتجاج ڪندڙ آبادگارن آبپاشي ڪاتي جي صوبائي وزير،سيڪريٽري آبپاشي ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته احتجاج جو فوري نوٽيس وٺي ڪونڙي مائينر شاخ جي ڪاتي ۽ صفائي ڪرائي آبادگارن کي پاڻي جي منصفاڻي فراهمي يقيني بڻائي وڃي ۽ لاڳاپيل عملدارن کان پڇاڻو ڪري آبادگارن سان انصاف ڪيو وڃي هنن چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن سندن جائز مطالبن تي جلد عمل نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

### بقايا عوامي سوچ 22

سائيٽ پوليس روهڙي سرڪل پاران ايس آءِ يو ٽي ميڊيڪل ڪمپليڪس پرسان سينٽرل جيل روڊ تي ٽول پلازه وٽ ڪارروائي ڪندي جوابدار پري ولد ناران مل کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 8 ڪلو گرام چرس هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي پوليس موجب گرفتار جوابدار خلاف ڪرائم نمبر 09/2026 تحت سنڌ ڪنٽرول آف نارڪوٽڪس سبسٽينسز ايڪٽ 2024 جي قلم 9( 3(1)) (cتحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

### بقايا عوامي سوچ 23

ل اختيارين تائين پهچائڻ ۽ حق سچ جي صحافت ذريعي عوامي خدمت جي مشن کي اڳتي وڌائڻ آهي.ان سلسلي ۾ سکر ميڊيا سينٽر جي باڊي جو پهريون اجلاس بچل شاهه مياڻي ۾ ميمبر عبدالحفيظ بلوچ جي اوطاق تي منعقد ٿيو. جنهن ۾ سکر ميڊيا سينٽر جي سرپرست اعليٰ ڪي بي شيخ ۽ سکر جي ناميارى سينئر صحافي ۽ قلمڪار سيد منصور عابدي خاص شرڪت ڪري پنهنجي تجربي ۽ صحافتي رهنمائي سان تقريب کي رونق بخشي. سيد منصور عابدي جون روزاني جنگ ڪراچي سان وابسته صحافتي خدمتون ۽ تجربا پڻ شرڪت ڪندڙن پاران ساراهيا ويا.اجلاس ۾ پراگ شرما، آدم شمباڻي، علي مغل، عبدالحفيظ بلوچ، قاسم ملڪ، سيف بلوچ، قاسم ابڙو، عثمان بلوچ سميت ٻين ميمبرن شرڪت ڪئي.اجلاس دوران سکر ميڊيا سينٽر جي مستقل آفيس قائم ڪرڻ، آفيس جي ڪرائي ۽ ٻين انتظامي خرچن کي سڀني ميمبرن جي باهمي مشاورت ۽ گڏيل سهڪار سان ادا ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو. شرڪت ڪندڙن ان ڳالهه تي پڻ اتفاق ڪيو ته اداري کي فلاحي مقصدن، باهمي اتحاد، مشاورت ۽ گڏيل قيادت تحت هلايو ويندو. جڏهن ته سمورا فيصلا سڀني ميمبرن کي اعتماد ۾ وٺي ڪيا ويندا.ان موقعي تي سرپرست اعليٰ ڪي بي شيخ چيو ته سکر ميڊيا سينٽر ڪنهن ذاتي مفاد لاءِ نه، پر صحافين جي اتحاد، مظلوم عوام جو آواز بڻجڻ ۽ معاشري جي بنيادي مسئلن کي ذميواراڻي انداز ۾ اجاگر ڪرڻ لاءِ قائم ڪيو ويو آهي. اداري جي سمورن ميمبرن کي باهمي احترام، اتحاد ۽ صحافتي اصولن موجب پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.اجلاس جي پڄاڻي تي سمورن ميمبرن حق سچ جي صحافت، عوامي خدمت، مظلوم طبقي جي ترجماني ۽ اداري جي ترقي لاءِ گڏيل جدوجهد جاري رکڻ جو عزم ڪيو. آخر ۾ ملڪ ۽ قوم جي سلامتي، اداري جي ڪاميابي ۽ عوام جي خدمت واري مشن جي تڪميل لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري وئي.

### بقايا عوامي سوچ 24

۽ وفاقي حڪومت کان معاملي جو فوري نوٽيس وٺڻ ۽ نادرا آفيس لاءِ ڪنهن ٻئي مناسب هنڌ تي جاءِ مختص ڪرڻ جو مطالبو ڪيو احتجاج ۾ شريڪ استادن ۽ شاگردن هٿن ۾ بينر کڻي اسڪول جي اڱڻ ۾ نادرا آفيس قائم ڪرڻ واري فيصلي خلاف پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرايو احتجاج جي اڳواڻي ڪندڙ استادن خير محمد انصاري،سيد ناظم حسين شاهه،نانڪ رام ،عبدالقادر مجاهد، محمد عطا الله بيگ،غلام محمد سومرو،حضور بخش ناظم ياسين،طفيل احمد، دريا خان ۽ اعظم الدين سميت ٻين استادن شرڪت ڪئي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ استادن جو چوڻ هو ته اسڪول انتظاميا ۽ استادن کي اعتماد ۾ وٺڻ ڪانسواءِ هڪ هلندڙ تعليمي اداري جي اڱڻ جو حصو نادرا آفيس لاءِ مختص ڪرڻ وارو فيصلو ڪيو ويو آهي جيڪو تعليمي ماحول ۽ درسگاهه جي تقدس جي حوالي سان ڳڻتي جوڳو عمل آهي هنن خدشو ظاهر ڪيو ته اسڪول اندر سرڪاري آفيس قائم ٿيڻ سان شاگردن جي اچ وڃ تدريسي سرگرمين ۽ مجموعي تعليمي ماحول تي ناڪاري اثر پئجي سگهن ٿا مظاهرين سوال اٿاريو ته جڏهن وفاقي حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن وٽ متبادل سرڪاري زمين موجود آهي ته پوءِ نادرا آفيس لاءِ هلندڙ تعليمي اداري جي چونڊ ڪرڻ جو ڪهڙو جواز آهي؟ هنن مطالبو ڪيو ته اسڪول جي اڱڻ ۾ نادرا آفيس قائم ڪرڻ وارو فيصلو واپس وٺي آفيس ڪنهن ٻئي مناسب هنڌ منتقل ڪئي وڃي استادن خبردار ڪيو ته سندن مطالبن تي عمل نه ٿيو ته احتجاج جو دائرو وڌائي مختلف پريس ڪلبن آڏو به احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا هوڏانهن نادرا جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ايڊمن سکر فرقان شيخ پنهنجي موقف ۾ چيو ته لاڳاپيل جاءِ مڪمل اين او سي تحت ٻن سالن جي عارضي مدي لاءِ نادرا کي ڏني وئي آهي سندس چوڻ هو ته اسڪول جو اهو مخصوص حصو اڳ ۾ خالي پيل هو ۽ صرف چوڪيدار جي استعمال ۾ هو جنهن کي قانوني طريقيڪار تحت واپس حاصل ڪيو ويو آهي هن واضح ڪيو ته نادرا آفيس قائم ٿيڻ سان اسڪول جي معمول جي تدريسي سرگرمين ۽ انتظامي معاملن تي ڪو به اثر نه پوندو ٻئي طرف تعلقه ايجوڪيشن آفيسر ميل روهڙي افضل بيگ چيو ته نادرا گذريل ٻن سالن کان عارضي آفيس قائم ڪرڻ لاءِ تعليم ڪاتي کان لکت ۾ جاءِ گهري رهيو هو جنهن بعد تعليم ڪاتي جي آفيسرن جي موجودگيءَ ۾ سمورا معاملا طئي ڪيا ويا هن چيو ته جاءِ عارضي بنيادن تي ڏني وئي آهي ۽ ٻن سالن اندر نادرا آفيس ڪنهن ٻئي هنڌ منتقل ڪئي ويندي سندس وڌيڪ چوڻ هو ته احتجاج بابت ڪيس اعتماد ۾ نه ورتو ويو

### بقايا عوامي سوچ 25

ائي دفنائڻ خلاف سکر پريس ڪلب آڏو قرآن پاڪ هٿن ۾ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي مظاهرين پوليس جي مبينا روش خلاف سخت نعريبازي پڻ ڪئي. مظاهرين ۾ شامل مظهر علي ملڪ، منظور ملڪ، مائي شيبران، مائي حليمه ۽ ٻين ٻڌايو ته سندن 25 ورهين جو نوجوان پٽ ماجد علي ملڪ 10 ڏينهن اڳ اوچتو گم ٿي ويو هو. جنهن بعد هنن پنهنجي پٽ جي ڳولا شروع ڪئي ۽ مختلف ٿاڻن تي گمشدگي جون رپورٽون پڻ داخل ڪرايون. پر ڪين پٽ بابت ڪا به ڄاڻ فراهم نه ڪئي وئي. احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته گم ٿيل پٽ جي ڳولا دوران جڏهن هو ايڌي سينٽر پهتا ته اتي موجود عملي رڪارڊ چيڪ ڪرڻ بعد ڪين ٻڌايو ته ايئرپورٽ ٿاڻي جي پوليس هڪ نوجوان جو لاش تدفين لاءِ ايڌي سينٽر حوالي ڪيو هو. جنهن کي لاوارث ڄاڻائي دفن ڪيو ويو آهي. وارثن موجب اها ڄاڻ ملڻ بعد هنن ايئرپورٽ ٿاڻي سان رابطو ڪري معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته سندن پٽ جي لاش کي وارثن جي موجودگي ۽ سڃاڻپ ڪانسواءِ لاوارث ڄاڻائي ڇو دفن ڪيو ويو. مظاهرين الزام لڳايو ته ايئرپورٽ پوليس ڪين ٻڌايو ته عارف بلڊر يرسف جسٽس آف پاڪستان، وڏي وزير سنڌ، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي شفاف ۽ غيرجانبدارانه جاچ ڪرائي وڃي. نوجوان ماجد علي ملڪ جي پوسٽ مارٽم رپورٽ وارثن حوالي ڪئي وڃي، قبر ڪشائي ڪرائي قانوني طريقيڪار تحت لاش وارثن حوالي ڪرڻ لاءِ فوري قدم کنيا وڃن ۽ ڪين انصاف فراهم ڪري خاندان جي اذيت ۽ بيچيني ختم ڪئي وڃي

### بقايا عوامي سوچ 26

پورخاص پهتو، جتي مقامي هال ۾ حيسڪو جي 82هين فيڊر ۽ بسم الله فيڊر کي زيرو لوڊشيڊنگ قرار ڏيڻ جي حوالي سان تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب ۾ چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر فيض الله ڏاهري شرڪت ڪئي. جڏهن ته چيف انجنيئر حيسڪو امير احمد ميمڻ، سپرنٽنڊنٽ انجنيئر حيسڪو ميرپورخاص فرمان ڏاٿي ۽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر فريد احمد ميمڻ سندس آجيان ڪئي. تقريب ۾ حيسڪو جي آفيسرن ۽ اهلڪارن، وڪيلن، چونڊيل نمائندن، مسلم ليگ (ن) جي مرڪزي ۽ مقامي اڳواڻن چوڌري ساجد، آصف معراج ۽ فيصل معراج، سنڌ هاءِ ڪورٽ بار جي صدر ايڊووڪيٽ شوڪت راهمون، ضلعي بار جي صدر ايڊووڪيٽ حاجي قلندر بخش لغاري، جنرل سيڪريٽري عبدالحسن نونداني سميت شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي

### بقايا عوامي سوچ 27

پٽ تي گذريل ڏينهن جعلي قبر ٺاهي ان تي سائي چادر چاڙهي ويئي هئي.

### بقايا عوامي سوچ 28

دا تي وڃڻ يقيناً هڪ وڏو صدمو آهي، جنهن جو درد لفظن ۾ بيان ڪرڻ مشڪل آهي. ۽ مالڪ سائين هي صدمو سندس وارثن، دوستن ۽ عزيزن کي برداشت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

### بقايا عوامي سوچ 29

ينگري اقرا لاڙڪ سخت زخمي ٿي پيا، اطلاع تي پوليس پهچي زخمين کي علاج لاءِ ڪٽائي ٽراما سينٽر منتقل ڪري ڇڏيو جتي زخمين کي طبي امداد ڏني وئي. ان حوالي سان زخمي ٻارن جي وارثن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جا ٻارڙا اسڪول جي موڪل کان پوءِ چنگچي تي گهر وڃي رهيا هئا ته رستي ۾ نامعلوم هٿياربندن فائرنگ ڪري اسان جي ٽن ٻارن کي زخمي ڪري فرار ٿي ويا آهن. هنن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کي اپيل ڪئي ته واقعي جو نوٽيس وٺي ملوث هٿياربندن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي. واقعي بابت مارڪيٽ ٿاڻي جي پوليس جو چوڻ آهي ته هٿياربند مير حسن ميرجت کي فائرنگ ڪري زخمي ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ اهڙو واقعو پيش آيو آهي. وڌيڪ جاچ جاري آهي.

نمائندا گهرجن
هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

## ٽنڊو محمد خان گورنمينٽ ايليمينٽري اسڪول ڪريم آباد ۾ ديوالي جي خوشين ۾ تقريب

ديوالي جي خوشين ۾ تقريب، هندو شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران مذهبي تهوار جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو

هندو برادري جي مذهبي تهوار ديوالي جي موقعي تي گورنمينٽ ايليمينٽري اسڪول ڪريم آباد ۾ هڪ پروقار تقريب ڪرائي وئي

جنهن ۾ اسڪول جي هندو شاگردن ۽ شاگردياڻين وڏي عقيدت، احترام ۽ خوشيءَ سان پنهنجو مذهبي تهوار ملهايو

ٽنڊو محمد خان(رپورٽ حبيب شيخ)ٽنڊو محمد خان گورنمينٽ ايليمينٽري اسڪول ڪريم آباد ۾ ديوالي جي خوشين ۾ تقريب، هندو شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران مذهبي تهوار جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو ٽنڊو محمد خان: هندو برادري جي مذهب/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

## واٽر ڪورس مان مال جي تلاءَ ۾ پائيپ ذريعي پاڻي پيڻ تي اعتراض تان ٻن نوجوانن خلاف ڦر جو ڪيس داخل

مري برادري جو ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي آفيسن آڏو احتجاج، شفاف جاچ جو مطالبو

قاسم درس نالي بااثر زميندار، جيڪو سنڌن پاڙيسري زميندار پڻ آهي، مال کي پاڻي پيئارڻ لاءِ نلڪي ذريعي واٽر ڪورس مان تلاءَ ۾ پاڻي ڇوڙ ڪري رهيو هو

جنهن تي اعتراض ڪرڻ بعد هو ايريگيشن کاتي جي آفيسرن کي بار بار واقعي واري هنڌ وٺي وڃي ڌانهيندو رهيو

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) ميرپورخاص جي دلبر مهر تاڻي جي حد ڳوٺ دريا خان مري، ڪيراڙ شاخ ۾ مال جي پاڻيءَ واري تلاءَ ۾ واٽر ڪورس مان پائيپ ذريعي پاڻي پيڻ تي اعتراض ڪرڻ تان پيدا ٿيل تڪرار بعد مري برادري جي ٻن نوجوانن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

## ڳوٺ حاجي علي بخش منجهي، ڳوٺ حميد منجهي، ڪڏاڻون سميت ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ پاڻي داخل

سنڌن ڳوٺن جا رستا پڻ پاڻي هيٺ اچڻ ڪري ڳوٺاڻن جو گهرن کان ٻاهر نڪرڻ به مشڪل بڻجي ويو

ڳوٺن کي محفوظ بچاءُ بند ڏياري پاڻي هيٺ آيل رستا پڻ بحال ڪري ڪين وڌيڪ پريشاني کان بچائڻ جي گهر ڪري ڇڏي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ڪينجهر ڍنڍ ۾ سياري جي مند شروع ٿيندي ئي پاڻي جي سطح ۾ حد کان وڌيڪ واڌ ڪرڻ سبب ڪينجهر ڍنڍ جو پاڻي ڪينجهر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

## جماعت اسلامي ضلعي ٺٽي جو اهم اجلاس

اجلاس امير جماعت اسلامي ٺٽو عبدالله آدم گندرو جي صدارت ۾ ٺٽي ۾ ٿي گذريو

جنهن ۾ جماعت اسلامي سنڌ جي صوبائي ڊپٽي سيڪريٽري الطاف احمد ملاح خصوصي طور شرڪت ڪئي

عبدالله آدم گندرو جي صدارت ۾ منعقد ڪيل ضلعي شوريٰ جي اجلاس ۾ مشاورت بعد جماعت اسلامي ضلعي ٺٽي جي نئين باڊي جوڙي وئي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) جماعت اسلامي ضلعي ٺٽي جو اهم اجلاس امير جماعت اسلامي ٺٽو عبدالله آدم گندرو جي صدارت ۾ ٺٽي ۾ ٿي گذريو، جنهن ۾ جماعت اسلامي سنڌ جي صوبائي ڊپٽي سيڪريٽري الطاف احمد ملاح خصو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

## گهاڙي موري جي ڳوٺ سيد اميد علي شاھ ۾ قائم مدرسي تعليم الاسلام الحبيبيه ۾ هڪ پروقار تقريب منعقد

جنهن ۾ 8 شاگردن جي دستاربندي ڪرائي وئي، جڏهن ته 5 نياڻين پاران قرآن پاڪ مڪمل ڪرڻ تي سنڌن مٿي تي پوٽيون پارايون ويون

مولانا محمد سليم چانڊيو، مولانا احمد سومرو، مولانا خان محمد پناڻ، مفتي علي محمد قاضي ۽ مولانا ابراهيم قاضي خصوصي شرڪت ڪئي

تقريب جي پڄاڻي تي شاگردن ۽ نياڻين جي روشن مستقبل، ڪاميابي ۽ ملڪ جي سلامتي لاءِ خصوصي دعائون گهريون ويون

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ٺٽي ضلعي جي سونڊا لڳ گهاڙي موري جي ڳوٺ سيد اميد علي شاھ ۾ قائم مدرسي تعليم الاسلام الحبيبيه ۾ هڪ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ 8 شاگردن جي دستاربندي ڪرائي وئي، جڏهن ته 5 نياڻين /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

## ٺٽو پوليس مقابلو پوليس مقابلي دوران پوليس جي فرضن ۾ مداخلت ۽ ڦر

موٽرسائيڪل ۽ موبائل فونن ڦرڻ جي وارداتن ۾ ملوث جوابدار ڏوهي ۾ استعمال ٿيندڙ پستول ۽ اعجاز علي شاھ کان ڦر

ڦر ڪيل موٽرسائيڪل سميت زخمي حالت ۾ گرفتار ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو جي هدايتن تي ڏوهاري عنصرن خلاف ڪارروايون جو سلسلو جاري

ريبار گولائي وٽ پوليس ۽ جوابدارن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ دوران هڪ جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو)ٺٽو پوليس مقابلو پوليس مقابلي دوران پوليس جي فرضن ۾ مداخلت ۽ ڦر موٽرسائيڪل ۽ موبائل فونن ڦرڻ جي وارداتن ۾ ملوث جوابدار ڏوهي ۾ استعمال ٿيندڙ پستول ۽ اعجاز علي شاھ کان ڦر ڪيل موٽرسائيڪل سميت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

## ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو جي هدايت تي پوليو مهم جي چوٿين ۽ آخري ڏينهن جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺڻ لاءِ اهم اجلاس

اينڊڙ مهم جي بهتر رٿابندي ۽ اثرائتي حڪمت عملي جوڙڻ تي زور ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ڀاڳت جي هدايت

پوليو مهم جي چوٿين ۽ آخري ڏينهن جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺڻ لاءِ گذريل ڏينهن دير سان شام جو دربار هال ڊپٽي ڪمشنر آفيس مڪلي ۾ اهم اجلاس منعقد ٿيو

لوڪل گورنمينٽ ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن کان علاوه مرف، پي پي ايڇ آءِ، ڊبليو ايڇ او ۽ مختلف اين جي اوز جي نمائندن شرڪت ڪئي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو جي هدايت تي پوليو مهم جي چوٿين ۽ آخري ڏينهن جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺڻ لاءِ اهم اجلاس، اينڊڙ مهم جي بهتر رٿابندي ۽ اثرائتي حڪمت عملي جوڙڻ تي زور ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

## باريچو برادري سان تعلق رکندڙ صحافي پائرن نديم باريچو ۽ عظيم باريچو خلاف پوليس جي مبينا ڪارروائي

چادر ۽ چارديواري جو تقدس پامال ڪرڻ، بلاجواز گرفتاري ۽ عورتن جي تذليل آميز ورتاءَ واري واقعي خلاف احتجاجي مظاهرو

صحافين ۽ سنڌن خاندانن سان ڪنهن به قسم جي مبينا زيادتي، قانون کان هٽي ڪري ڪارروائي ۽ بنيادي انساني حقن جي خلاف ورزي ڪنهن به صورت ۾ قابلِ قبول نه آهي

نئون ڪوٽ (رپورٽ: نويد بجير) پريس ڪلب نئون ڪوٽ جي صدر اقبال قائم خاني، جنرل سيڪريٽري نعمان وهاب يوسفزئي، انفارميشن سيڪريٽري نويد بجير جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب نئون ڪوٽ جي صحافين علي حيدر جوٽيجو، شاھ محمد شاھ، ڪامران ملڪ، انيل ساگر ۽ ٻين صحافين پاران ڄامشورو ۾ باريچو برادري سان تعلق رکندڙ صحافي پائرن نديم باريچو ۽/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

## ميرپور ماٿيلو ۾ قبضه مافيا جي دادا گيري مدرسي ۽ مسجد ڏاهڻ ويندڙ سرڪاري گهٽي بند ڪري ڇڏي

علائقي واسين جو احتجاجي مظاهرو ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي کان نوٽس وٺڻ جو مطالبو

فوري طور تي نوٽس وٺي گهٽي تان قبضو ختم ڪرايو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

ميرپور ماٿيلو(رپورٽر) ميرپور ماٿيلو ۾ قبضه مافيا جي دادا گيري مدرسي ۽ مسجد ڏاهڻ ويندڙ سرڪاري گهٽي بند ڪري ڇڏي علائقي واسين جو احتجاجي مظاهرو ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي کان نوٽس وٺڻ جو مطالبو تفصيل موجب ا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

## آل پاڪستان باريچا اتحاد مراد ميمڻ ڳوٺ پاران احتجاجي ريلي

عظيم باريجو سميت ٻين سان انصاف ۽ عدالتي جاچ جو مطالبو

صحافي عظيم باريجو، ڏٽي بخش باريجو ۽ اسماعيل باريجو جي حق ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) آل پاڪستان باريچا اتحاد مراد ميمڻ ڳوٺ پاران احتجاجي ريلي، عظيم باريجو سميت ٻين سان انصاف ۽ عدالتي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

## سنڌ اسپيشل گيمز 2026ع سکر اسپورٽس ڪلب ۾ ڪاميابيءَ سان پڄاڻيءَ تي پهچي ويون

سنڌ جي مختلف ضلعن مان خصوصي صلاحيتن جا مالڪ 850 رانديگرن 13 مختلف راندين ۾ حصو ورتو

جي آر ايس آر سي وي آءِ سي سکر جنرل ٽرافي پنهنجي نالي ڪري پهرين پوزيشن حاصل ڪئي

سکر( بيورو چيف محمد قاسم ملڪ) سنڌ حڪومت جي راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي پاران، خصوصي ماڻهن جي بااختياري واري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

## زرعي پاڻي جي فراهمي نه ٿيڻ ۽ پٿورو شهر ۾ پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي ۾ پيش ايندڙ مشڪلاتن جو نوٽيس

لاڳاپيل کاتن کي مسئلن جي حل لاءِ ضروري قدم کڻڻ جي هدايت پڻ ڪئي آهي

چيف سيڪريٽري سنڌ جي صدارت هيٺ ڪمشنر ميرپورخاص ڊويزن جي ڪميٽي هال ۾ هڪ اهم گڏجاڻي

ميرپورخاص( بيوروچيف سومارسميجو) چيف سيڪريٽري سنڌ سيد آصف حيدر شاھ منڙاو ڪئينال جي پڇڙي تي واقع علائقن جي رهواسين ڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

## سنڌ حڪومت جي اولين ترجيح شاگردن جي تعليم جو تسلسل ۽ انهن جي مستقبل جو تحفظ آهي: اسماعيل راهو

شاگردن کي مالي مسئلن جي سزا نه ڏني وڃي جيڪي انهن جي اختيار کان ٻاهر آهن

ميرپور خاص( بيوروچيف سومارسميجو) يونيورسٽيز ۽ بورڊز جي صوبائي وزير محمد اسماعيل راهوچيو آهي ته سنڌ حڪومت پاران سنڌ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

## علم جو روشن مينار رٽائر، سائين محمد سلطان چانڊيو جي شاندار تعليمي سفر جي پڄاڻي، عقيدت ۽ احترام سان رخصت

محمد سلطان چانڊيو پنهنجي شاندار ۽ يادگار تعليمي خدمتن جو سفر پورو ڪري باوقار انداز ۾ سروس مان رٽائرڊ ٿي ويا

هڪ شفيق، مهربان ۽ فرض شناس استاد طور سندس خدمتون تعليم ميدان لاءِ هميشه ياد رکيون وينديون

گهارو (رپورٽ عبداللطيف) تعليم جي ميدان ۾ پنهنجي سڄي زندگي وقف ڪندڙ گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول گهارو جي سينئر استاد /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

## ڪڪڙ پرسان انڊس هاءِ وي تي ويگو ۽ موٽرسائيڪل ۾ خوفناڪ ٽڪر، عورت فوت

معصوم ٻار سميت 2 ڄڻا زخمي، پوليس جي دير خلاف وارثن جو احتجاج

حادثي ۾ زخمي ٿيل ٻنهي ڄڻن کي طبي امداد فراهم ڪرڻ بعد اسپتال مان ڊسچارج ڪيو ويو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) ڪڪڙ پرسان صادق واهه وٽ انڊس هاءِ وي تي ويگو گاڏي ۽ موٽرسائيڪل وچ ۾ خوفناڪ ٽڪر جي نتيجي ۾ هڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

## سنڌ مان کنيو گم ڪيل سياسي شاگردن جي بازيابي لاءِ دادو ۾ احتجاج، پريس ڪلب آڏو ڌرڻو

سنڌ سڀا طرفان دادو پريس ڪلب آڏو سخت نعريبازي ڪندي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو

ان موقعي تي ڪامريڊ منصور جمالي، علي جان زنئور، شمن انقلابي، شعيب جمالي ۽ ٻين خطاب

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) سنڌ مان جبري کنيو گم ڪيل سياسي شاگردن ثاقب جمالي، راشد ڪوسو، دانيال جاگيراڻي، عاقب چانڊيو، ارباب/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

## صحافين تي حملن، گهرن جي ڀڃ ڊاهه ۽ گرفتارين خلاف دادو ۾ ٻئي ڏينهن به احتجاج، ڌرڻو

ايس ايس پي ڄامشورو کي هٽائڻ ۽ عدالتي جاچ ڪرائڻ جو مطالبو

جيسيتائين صحافين سان ٿيل زيادتين جو ازالو ۽ ذميوارن خلاف ڪارروائي نه ٿيندي، تيستائين صحافتي برادري جو آواز بلند رهندو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) ڪوٽڙي جي عدالتي احاطي اندر ڇهه ڏينهن اڳ صحافي عظيم باريجو تي ٿيل قاتلاڻي حملي ۽ ان واقعي دوران نو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

## مخدوم فخرالزمان پاران رورل هيلٿ سينٽر اوڏيرولال اسٽيشن جو دورو

ان موقعي تي وڏي انگ ۾ سياسي، سماجي اڳواڻن ۽ شهرين شرڪت ڪئي

اسان جي پهرين ترجيح عوام کي صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ آهي

(تعلقه رپورٽ غلام نبي چنو) ترجمان سنڌ حڪومت ۽ ايم پي اي مٽياري مخدوم فخر الزمان پاران رورل هيلٿ سينٽر اوڏيرولال اسٽيشن جو دور/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

## ميرپور ماٿيلو ايف ايف سي ڀاڻ فيڪٽري مان خارج ٿيندڙ زهريلي پاڻي ۽ دونهين تباهي مچائي ڇڏي

زهريلو ڪيميڪل وارو پاڻي مسو واهه ۾ ڇوڙ ٿيڻ سبب زميني جر ڪارو بڻجي ويو زميني جر زهريلو ٿي وڃڻ

سبب سوين ماڻهون گڙدن جي بيماري ۾ مبتلا ٿيڻ بعد موت جو ڪاچ بڻجي ويا

ميرپور ماٿيلو(رپورٽر) ميرپور ماٿيلو ايف ايف سي ڀاڻ فيڪٽري مان خارج ٿيندڙ زهريلي پاڻي ۽ دونهين تباهي مچائي ڇڏي زهريلو ڪيميڪل وارو پاڻ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

## بن قاسم ٽائون ۾ تعليمي ادارن جي خراب صورتحال تي تعليم کاتي جو هنگامي نوٽيس، ڊي اي او پرائمري جو مختلف اسڪولن جو دورو

ڪوٽيرڙو، گهگهر ۽ ڏابيجي جي اسڪولن جي خسته حال عمارتن جو معائنو، فوري رپورٽ اعليٰ اختيارين کي موڪلڻ جي هدايت

ضلعي تعليمي آفيسر (ڊي اي او) پرائمري مير حسن لاشاري، ڊپٽي ڊي اي او امتياز نائچ سان گڏ 5 نومبر 2026ع تي هنگامي دورو ڪيو

بن قاسم ٽائون جي سمورن سرڪاري اسڪولن جو جامع سروي ڪرائي خسته حال عمارتن جي فوري مرمت ۽ ٻارن لاءِ محفوظ تعليمي ماحول يقيني بڻايو ويندو

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) بن قاسم ٽائون ۾ تعليمي ادارن جي خراب صورتحال تي تعليم کاتي جو هنگامي نوٽيس، ڊي اي او پرائمري جو مختلف اسڪولن جو دورو ڪوٽيرڙو، گهگهر ۽ ڏابيجي جي اسڪولن جي خسته حال عمارتن جو معائنو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

## روهڙي ويجهو ڳوٺ جمشير مگريو جي رهواسي ڳوٺاڻن پاران منگريا اسٽاپ وٽ ايريگيشن کاتي جي عملدارن خلاف احتجاج

پڙو مائينر جي کاتي لاءِ گهربل فنڊ فراهم نه ٿيڻ ۽ شاخ جي صفائي نه ڪرائڻ سبب پاڻي جي وهڪري ۾ رڪاوٽون پيدا ٿي رهيون آهن

جنهن ڪري آبادگارن کي زرعي زمينن تائين پاڻي پهچائڻ ۾ سخت ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي

ايريگيشن کاتي جي لاڳاپيل عملدارن پاران شاخ جي کاتي واري معاملي کي مسلسل نظرانداز ڪيو پيو وڃي

روهڙي (رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙي ويجهو ڳوٺ جمشير مگريو جي رهواسي ڳوٺاڻن پاران منگريا اسٽاپ وٽ ايريگيشن کاتي جي عملدارن خلاف شاخ جي کاتي لاءِ رقمون فراهم نه ڪرڻ ۽ واهن جي کاتي توڙي صفائي نه ڪرائڻ خلاف ايوان زرا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

## روهڙي ۾ ايڪسائيز پوليس جي ڪارروائي، 8 ڪلو چرس هٿ ڪرڻ جي دعويٰ، هڪ جوابدار گرفتار

جوابدار پري ولد ناران مل کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 8 ڪلو گرام چرس هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

سنڌ ڪنٽرول آف نارڪوٽڪس سبسٽينسز ايڪٽ 2024 جي قلم 9(1)3(c) تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

روهڙي(رپورٽر) روهڙي ۾ ايڪسائيز پوليس جي ڪارروائي، 8 ڪلو چرس هٿ ڪرڻ جي دعويٰ، هڪ جوابدار گرفتار تفصيل موجب ايڪ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

## سکر ميڊيا سينٽر جي قيام جو آدرش، عوامي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ ۽ حق سچ جي صحافت جاري رکڻ جو عزم

سکر ميڊيا سينٽر جي باڊي جو پهريون اجلاس بچل شاھ مياڻي ۾ ميمبر عبدالحفيظ بلوچ جي اوطاق تي منعقد ٿيو

جنهن ۾ سکر ميڊيا سينٽر جي سرپرست اعليٰ ڪي بي شيخ ۽ سکر جي نامياري سينئر صحافي ۽ قلمڪار سيد منصور عابدي خاص شرڪت

سيد منصور عابدي جون روزاني جنگ ڪراچي سان وابسته صحافتي خدمتون ۽ تجربا پڻ شرڪت ڪندڙن پاران ساراهيا ويا

سکر (بيورو چيف) سکر ميڊيا سينٽر جي قيام کي شهرين، خاص طور تي غريب ۽ مظلوم عوام پاران هڪ خوش آئند قدم قرار ڏنو پيو وڃي. ميڊيا سينٽر جي قيام جو بنيادي مقصد عوامي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ، مظلوم شهرين جو آواز لاڳاپي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

## روهڙي جي گورنمينٽ بيدل بيڪس هاءِ اسڪول جي اڳڻ ۾ نادرا آفيس قائم ڪرڻ واري فيصلي خلاف احتجاج

سنڌ ۽ وفاقي حڪومت کان معاملي جو فوري نوٽيس وٺڻ ۽ نادرا آفيس لاءِ ڪنهن ٻئي مناسب هنڌ تي جاءِ مختص ڪرڻ جو مطالبو ڪيو

احتجاج ۾ شريڪ استادن ۽ شاگردن هٿن ۾ بينر کڻي اسڪول جي اڳڻ ۾ نادرا آفيس قائم ڪرڻ واري فيصلي خلاف پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرايو

ٻن سالن اندر نادرا آفيس ڪنهن ٻئي هنڌ منتقل ڪئي ويندي سندس وڌيڪ چوڻ هو ته احتجاج بابت ڪيس اعتماد ۾ نه ورتو ويو

روهڙي( رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙي جي گورنمينٽ بيدل بيڪس هاءِ اسڪول جي اڳڻ ۾ نادرا آفيس قائم ڪرڻ واري فيصلي خلاف اسڪول جي استادن ۽ سوين شاگردن احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي مظاهرين سنڌ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

## سکر ۾ 25 ورهين جي نوجوان ماجد علي ملڪ جي مبينا پراسرار موت ۽ لاوارث ڄاڻائي تدفين خلاف وارثن جو احتجاج

سنڌن 25 ورهين جو نوجوان پٽ ماجد علي ملڪ 10 ڏينهن اڳ اوچتو گم ٿي ويو هو، جنهن بعد هنن پنهنجي پٽ جي ڳولا شروع ڪئي

مختلف ٿاڻن تي گمشدگي جون رپورٽون پڻ داخل ڪرايون، پر ڪين پٽ بابت ڪا به ڄاڻ فراهم نه ڪئي وئي

ايئرپورٽ ٿاڻي جي پوليس هڪ نوجوان جو لاش تدفين لاءِ ايڌي سينٽر حوالي ڪيو هو، جنهن کي لاوارث ڄاڻائي دفن ڪيو ويو آهي

سکر( بيورو رپورٽ) سکر جي علائقي بچل شاھ مياڻي جي رهواسين ملڪ برادري سان تعلق رکندڙ مردن ۽ عورتن معصوم ٻارن سميت 25 ورهين جي نوجوان ماجد علي ملڪ جي مبينا طور تي رحماڻي قتل ۽ سندس لاش کي لاوارث ڄاڻ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

## حيسڪو جي 82هين فيڊر کي زيرو لوڊشيڊنگ قرار ڏيڻ جي تقريب، چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر فيض الله ڏاهري جي شرڪت

جتي مقامي هال ۾ حيسڪو جي 82هين فيڊر ۽ بسم الله فيڊر کي زيرو لوڊشيڊنگ قرار ڏيڻ جي حوالي سان تقريب منعقد ڪئي وئي

چيف انجنيئر حيسڪو امير احمد ميمڻ، سپرنٽينڊنٽ انجنيئر حيسڪو ميرپورخاص فرمان ڏاٿي ۽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر فريد احمد ميمڻ سندس آجيان ڪئي

ضلعي بار جي صدر ايڊووڪيٽ حاجي قلندر بخش لغاري، جنرل سيڪريٽري عبدالحسن نونداني سميت شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي

ميرپورخاص( بيوروچيف سومارسميجو) حيسڪو جي 82هين فيڊر کي زيرو لوڊشيڊنگ قرار ڏيڻ جي تقريب، چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر فيض الله ڏاهري جي شرڪت ميرپورخاص: حيسڪو جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر فيض الله ڏاهري مير/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمب26

## مٺي ۾ گڏي پٽ تي جعلي قبر جوڙي وئي، شهرين جي اطلاع تي اسسٽنٽ ڪمشنر مٺي واقعي واري هنڌ پهتو

مٺي ( ڊ.ر محمدرحيم مگريو): خبر موجب مٺي شهر جي مشهور پڪنڪ پوائنٽ گڏي پٽ جعلي قبر جوڙي وئي. ۽ سيد علي اڪبر شاھ لڪياري نالو ڏنو ويو. شهرين جي اطلاع تي عمير اشرف عملي سميت پهتو.مٺي پوليس جعلي قبر ٺاهڻ جي الزام ۾ هڪ ڄڻي مير حسن سنگراسي کي گرفتار ڪري ورتو آهي. مٺي جي گڏي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

## ماستر دليپ ڪمار سنڌي، ولد ڪرمچند ميگهواڙ دل جو دورو پوڻ سبب هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو

سندس اوچتي وڇوڙي جي خبر دل کي ڏاڍو ڏکوئي ڇڏيو آهي. هڪ ڪلنڊڙ، ملنسار ۽ محبتون ورهائيندڙ دوست جو ائين اوچتو اسان کان جدا ٿي وڃڻ يقيناً هڪ وڏو صدمو آهي

جنهن جو درد لفظن ۾ بيان ڪرڻ مشڪل آهي. ۽ مالڪ سائين هي صدمو سندس وارثن، دوستن ۽ عزيزن کي برداشت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي

ٿرپارڪر (ڊ.ر محمدرحيم مگريو) ڇيلهار شهر جو استاد دليپ منهگوار ڪجهه ڏينهن اڳ روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيل اسان جو پيارو دوست، ماستر دليپ ڪمار سنڌي، ولد ڪرمچند ميگهواڙ دل جو دورو پوڻ سبب هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. سندس اوچتي وڇوڙي جي خبر دل کي ڏاڍو ڏکوئي ڇڏيو آهي. هڪ ڪلنڊڙ، ملنسار ۽ محبتون ورهائيندڙ دوست جو ائين اوچتو اسان کان ج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

## پيرسن محمد حسن ميرجت سميت ٽي اسڪولي ٻارڙا زبير خاصخيلي، الله ڏنو ۽ نينگري اقرا لاڙڪ سخت زخمي

اطلاع تي پوليس پهچي زخمين کي علاج لاءِ ڪٽائي ٽراما سينٽر منتقل ڪري ڇڏيو

اسان جا ٻارڙا اسڪول جي موڪل کان پوءِ چنگچي تي گهر وڃي رهيا هئا

لاڙڪاڻو( رپورٽ عبدالستار سيال) لاڙڪاڻو شهر جي مارڪيٽ ٿاڻي جي حد سيال چوڪ وٽ هٿيار بندن جي مبينا فائرنگ جي نتيجي ۾ شهر جي مراد واهڻ واسي پيرسن محمد حسن ميرجت سميت ٽي اسڪولي ٻارڙا زبير خاصخيلي، الله ڏنو ۽ ن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29